روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) خميس 05 جنوري 2023ع بمطابق 12 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 223

شهيد ڀُٽو عوامي طاقت جي علامت هو: بلاول

ڀٽو هڪ نظريو آهي، جنهن کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪندڙ پاڻ خاڪ ٿي ويا، جڏهن ته ڀٽي جو نالو اڄ به پاڪستان سميت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجي رهيو آهي

نظريي ۽ مشن جي روشني ۾ 73 جي آئين جي حفاظت، جمهوريت کي مضبوط، پاڪستان کي اسلامي دنيا جو رول ماڊل، ترقي يافته ملڪ ٺاهڻ جي جدوجهد کي منزل تي پهچائي ڪي ساهه پٽينداسين

عمران خان ٽي وي تي بيان ڏنو هو ته اسان طالبان کي هتي آڻي رهايو، دهشتگردن خلاف ويڙهه ڪٽڻ کانپوءِ اي پي ايس سانحي ۾ ملوث ماڻهن کي بنا پڇڻ جي آزاد ڪيو ويو

دهشتگردن کي نه مان معاف ڪندس نه قوم معاف ڪندي، شاهه محمود ۽ پرويز خٽڪ جهڙا ماڻهو به استعيفائن جي تصديق لاءِ نه آيا ته ٻيا ڪيئن ايندا: پرڏيهي وزير

اهڙن ماڻهن جا نالا ٻڌائي سگهان جيڪي اسپيڪر جي پيرن ۾ ڪِريا پيا آهن، ايم ڪيو ايم سان اختلاف آهن ۽ اڳتي هلي وڌي به سگهن ٿا، چاهيون ٿا ته ايم ڪيو ايم سان معاهدي تحت هلون

سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، صوبائي وزير سيد ناصر شاهه، شرجيل انعام ميمڻ، پ پ پ ضلعي صدر ايم اين اي رفيق احمد جمالي، قمبر خان لغاري ۽ ٻيا موجود هئا

ڪراچي (رپورٽر) پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام جي طاقت جي علامت هو، سندس نظريو جدوجهد ۽ قربانيون لازوال آهن. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95هين سالگرهه جي حوالي سان جاري ڪيل بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڀٽو هڪ نظريو آهي، جنهن کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪندڙ پاڻ خاڪ ٿي ويا، جڏهن ته ڀٽي جو نالو اڄ به پاڪستان سميت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجي رهيو آهي. هن عزم جو اظهار ڪيو ته جماعت جي باني چيئرمين جي نظريي ۽ مشن جي روشني ۾ 73 جي آئين جي حفاظت، جمهوريت کي مضبوط، پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پريس ڪانفرنس ڪندي

پيرآباد ٿاڻي جي حد مان پوليس کي 3 لاوارث ڇوڪريون مليون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پيرآباد ٿاڻي جي حد مان پوليس کي 3 لاوارث ڇوڪريون مليون آهن. جن جو تعلق ميانوالي ڪالوني مان آهي، سندن عمر 3 کان 5 سالن جي وچ ۾ آهي ۽ سرائڪي ٻولي ڳالهائينديون آهن ۽ پنهنجي والدين ۽ گهر واري سان گڏ رهنديون آهن. پيرآباد پوليس جو چوڻ آهي ته جن کي ڇوڪرين بابت ڄاڻ آهي ته ايس ايڇ او پيرآباد سان رابطو ڪن

ٻوڏ متاثرن کي گهرن لاءِ معاوضو ڏيڻ واري ڳالهه ياد ايندي ئي رات جي ننڊ حرام ٿي ويندي آهي: شهباز شريف

ڏهه لک گهر پاڻي ۾ لڙهي ويا آهن، انشاءالله اسان کين معاوضو ڏينداسين، ٻوڏ متاثرن کي گهرن لاءِ معاوضو ڏيڻ واري ڳالهه ذهن ۾ ايندي ئي راتين جي ننڊ حرام ٿي ويندي آهي

ٻوڏ سبب سڄو صحبتپور ضلعو پاڻي ۾ ٻڏل هو، هتي پاڻي ۽ خوراڪ پهچائڻ سولو ڪم نه هيو پر اڄ صحبتپور جو علائقو ڏسي دل باغ بهار ٿي وئي آهي

ايڏي وڏي ٻوڏ پنهنجي حياتي ۾ نه ڏٺي هئي، سنڌ جو ميداني ۽ بلوچستان جو جبلو علائقو پاڻي ۾ ٻڏل هو، ڊپ ٿيندو هو ته متاثرن جي مدد ڪيئن ڪنداسين: شهباز شريف

جن حالتن ۾ اسان حڪومت سنڀالي هئي، آءِ ايم ايف سان معاهدو ٽٽي چڪو هو ۽ مهانگائي عروج تي هئي پر ان باوجود وفاق ٻوڏ متاثرن لاءِ سؤ ارب رُپيا خرچ ڪيا

نوَ جنوري تي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سان جينيوا جي ڊونرز ڪانفرنس جي سربراهي ڪندس، ان سلسلي ۾ دوست ملڪن کي ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏئي رهيو آهيان

ملائيشيا جي وزيراعظم سان به ڪالهه ڳالهه ٻولهه ٿي هئي، پاڪستان کي پيرن تي بيهارڻ لاءِ اسان کي پاڻ همت پيدا ڪرڻي پوندي: مسلم ليگ ن جو صدر

صحبتپور (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ٻوڏ متاثرن کي گهرن لاءِ معاوضو ڏيڻ واري ڳالهه ذهن ۾ ايندي ئي راتين جي ننڊ حرام ٿي ويندي آهي. ڏهه لک گهر پاڻي ۾ لڙهي ويا آهن، انشاءالله اسان کين معاوضو ڏينداسين. بلوچستان جي ضلعي صحبتپور ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ٻوڏ سبب سڄو صحبتپور ضلعو پاڻي ۾ ٻڏل هو هتي پاڻي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

صحبت پور: وزيراعظم شهباز شريف ٻوڏ متاثرن کي خطاب ڪندي

ملڪ کي بحرانن مان ڪيڍڻ جي لاءِ سڀني کي ملي ڪم ڪرڻو پوندو: احسن اقبال

مشڪل حالتن باوجود معيشت کي اڳيان کڻي وڃي رهيا آهيون، ملڪ کي بحرانن مان ڪيڍڻ جي لاءِ سڀني کي ملي ڪم ڪرڻو پوندو

2013 ۾ حڪومت سنڀالي ته تمام گهڻن چئلينجن کي منهن ڏنو هو. 2013 ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ عروج تي هئي

گذريل حڪومت فنڊز جاري ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو جنهن سبب منصوبا مڪمل نه ٿيا ۽ منصوبن جي لاڳت ۾ اضافو ٿيو

اسلام آباد (م د) منصوبه بندي، ترقي ۽ اصلاحات بابت وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته مشڪل حالتن باوجود معيشت کي اڳيان کڻي وڃي رهيا آهيون. ملڪ کي بحرانن مان ڪيڍڻ جي لاءِ سڀني کي ملي ڪم ڪرڻو پوندو. وفاقي وزير احسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: منصوبه بندي، ترقي ۽ اصلاحات بابت وفاقي وزير احسن اقبال پريس ڪانفرنس ڪندي

نوري آباد پاور پلانٽ ڪيس: وڏو وزير مراد علي شاهه احتساب عدالت اسلام آباد ۾ پيش

اسلام آباد (م د) وڏي وزير مراد علي شاهه جي نوري آباد پاور پلانٽ مني لانڊرنگ ڪيس ۾ احتساب عدالت اسلام آباد آڏو پيشي. وڏي وزير مراد علي شاهه نيب ترميمي آرڊيننس تحت بريت جي درخواست داخل ڪرائي ڇڏي آهي وڏي وزير درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڀارت دهشتگردي ۽ پاڪستان خلاف جاسوسي جو سلسلو بند ڪري: پرڏيهي آفيس

ڪيئي ورهين کان ڀارت پاڪستان مخالف پروپيگنڊا ذريعي عالمي برادري کي ورغلائڻ ۾ رُڌل آهي

پاڪستان ڀارت طرفان مڙهيل بي بنياد الزامن کي رد ڪري ٿو، ڀارت پاڪستان ۾ ٿيندڙ دهشتگرد حملن ۾ ملوث رهيو

اسلام آباد (م د) پاڪستان ڀارت طرفان مڙهيل بي بنياد الزام رد ڪري ڇڏيا. پرڏيهي آفيس جي ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته ڪيئي ورهين کان ڀارت پاڪستان مخالف پروپيگنڊا ذريعي عالمي برادري کي ورغلائڻ ۾ رُڌل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

قوم تياري ڪري، چونڊن جو پيغام ڏئي ڇڏيو آهي، صرف شيڊول طئي ڪرڻو آهي: شيخ رشيد

چونڊن جو پيغام ڏئي ڇڏيو آهي صرف شيڊول طئي ڪرڻو آهي. قوم چونڊن جي تياري ڪري وٺي: عوامي مسلم ليگ جو سربراهه

غريب ماڻهو وڌيڪ خراب حالتن جي لاءِ سندرا ٻڌي وٺي. 8 وڳي مارڪيٽون بند ڪرڻ تي حڪومت صوبن ۽ واپاري تنظيمن کي اعتماد ۾ وٺندي

حڪومت نه معاشي استحڪام آڻي سگهي نه ئي سياسي نه ئي هاڻ پنهنجي تڪن ۾ وڃڻ جي قابل آهي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

راولپنڊي (م د) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد چيو آهي ته چونڊن جو پيغام ڏئي ڇڏيو آهي صرف شيڊول طئي ڪرڻو آهي. قوم چونڊن جي تياري ڪري وٺي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئٽر تي پنهنجي پيغام ۾ اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد چيو ته غريب ماڻهو وڌيڪ خراب حالتن جي لاءِ سندرا ٻڌي وٺي. 8 وڳي مارڪيٽون بند ڪرڻ تي حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

جي آءِ ٽي ارشد شريف جي پوسٽ مارٽم رپورٽ ٻيهر سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي

اسلام آباد (م د) ڪينيا ۾ قتل ٿيل سينيئر پاڪستاني صحافي ارشد شريف جي قتل ڪيس جي جاچ ڪندڙ جي آءِ ٽي مقتول جي ڪينيا ۾ ٿيل پوسٽ مارٽم جي رپورٽ ٻيهر سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. ذريعن موجب جي آءِ ٽي ڪينيا ۾ ٿيل جي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ حلفي بيان ٻيهر جمع ڪرايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

راولپنڊي: عوامي مسلم ليگ جو سربراهه ۽ اڳوڻو گهرو وزير شيخ رشيد پريس ڪانفرنس ڪندي

حڪومت ڏاکڻي ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي: مرتضيٰ وهاب

اسد رضا، سعيد لغاري، افشان رباب، ميونسپل ڪمشنر سائوٿ اختر ۽ ڊائريڪٽر ڪراچي نيبرهوڊ امپروومينٽ پروگرام کي اين آءِ پي نذير ميمڻ پڻ موجود هئا

ڏکڻ ضلعي ۾ ترقياتي منصوبن تي ڪم تيزي سان جاري آهي ۽ شهرين کي خوشگوار ماحول فراهم ڪرڻ اسان جو بنيادي فرض آهي: سنڌ حڪومت جو ترجمان ۽ قانوني صلاحڪار

امن امان جي بحالي سان ئي ترقياتي منصوبن جا نتيجا نڪرندا، خاص ڪري اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي سان شهر جي اصل سڃاڻپ سامهون اچڻ ۾ مدد ملندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ قانوني صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته حڪومت ڏاکڻي ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ايجوڪيشن ورڪس اينڊ سروس سکر جي ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

گل محمد چوهاڻ، ايس ڊي او شجاع قل، ايس ڊي او منير احمد چاچڙ، دوست محمد قاضي ۽ ٻين مظاهري ۾ شرڪت ڪئي

سکر انجنيئر سجاد ابڙو جو ٻاٿر ٺيڪيدار منير چانڊيو طرفان سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن: مظاهرين

اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي انصاف ايجوڪيشن ورڪس جي ملازمن کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيون ٿا

سکر (رپورٽر) ايجوڪيشن ورڪس اينڊ سروس سکر جي ملازمن جي وڏي انگ انجنيئر سجاد ابڙو کي ٻاٿر ٺيڪيدار منير احمد چانڊيو طرفان ڏنل ڌمڪين خلاف ڪم ڇڏ احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ نعريبازي ڪئي. مظاهري جي قيادت ايجوڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عوام ڪڪڙ کائڻ بند ڪري، ان جي فيڊ صحت لاءِ نقصانڪار آهي: وفاقي وزير

اسلام آباد ۾ اٽي جي 17 هزار ٻيگز جو شارٽ فال آهي، مان رڳو اسلام آباد جي حد تائين اٽي جي اگهن جو ذميوار آهيان

اٽي ۽ ڪڻڪ جي قيمتن جو تعين صوبائي حڪومتون ڪنديون آهن، صوبن ۾ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ حڪومت جي ذميواري آهي

سنڌ حڪومت ڪڻڪ جو امدادي اگهه 4 هزار مقرر ڪيو آهي، امدادي قيمت مقرر ڪرڻ کان اڳ هاري جي قيمت کي ڏٺو وڃي

اسلام آباد (م د) نيشنل فوڊ سيڪيورٽي واري وفاقي وزير طارق بشير چيما چيو آهي ته اسلام آباد ۾ اٽي جي 17 هزار ٻيگز جو شارٽ فال آهي، مان رڳو اسلام آباد جي حد تائين اٽي جي اگهن جو ذميوار آهيان اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ملڪ ۾ ڪورونا وائرس سبب هن سال جي پهرين فوتگي سامهون اچي وئي

اسلام آباد (م د) ملڪ ۾ 2023 دوران ڪورونا وائرس سبب پهريون فوتگيون سامهون اچي ويون. 10 ڏينهن کانپوءِ ڪورونا سان به فوتگيون ٿيون آهن. آخري فوتگي 24 ڊسمبر 2022 تي ٿي هئي. صحت بابت قومي اداري موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪورونا جون 5 هزار 126 ٽيسٽون ڪيون ويون ۽ 22 نون ڪيسن جي تصديق ٿي. هاڪاري ڪيسن جي شرح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: وفاقي وزير طارق بشير چيما پريس ڪانفرنس ڪندي

دهشتگردي خلاف پنهنجو بچاءُ ڪرڻ پاڪستان جو حق آهي: آمريڪا

اسان پاڪستان جي قومي سلامتي ڪميٽي جي تازي بيان کان باخبر آهيون: نيڊ پرائس

اسان جائزو وٺي رهيا آهيون ته طالبان جي فيصلن خلاف ڪهڙا قدم کڻي سگهجن ٿا

واشنگٽن (م د) آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان نيڊ پرائس چيو آهي ته پاڪستاني عوام دهشتگرد حملن سبب تمام گهڻو ڀوڳيو آهي ۽ دهشتگردي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عمران خان پارٽي عهديدارن جي ڪارڪردگي مان مايوس، قيادت کي چنڊ

لبرٽي جسلي ۾ ڪارڪنن ۽ عوام کي متحرڪ نه ڪرڻ ڪاوڙ جو سبب بڻيو

اڳتي آءِ ايس ايف پنهنجي ماڻهن تي تنظيمي قيادت کي جوابدا هوندي: ذريعا

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهه عمران خان لاهور جي پارٽي عهديدارن جي ڪارڪردگي تي مايوسي جو اظهار ڪيو ۽ قيادت کي چنڊ پئي آهي زمان پارڪ لاهور ۾ عمران خان جي صدارت هيٺ پارٽي اجلاس ٿيو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان ڊجيٽل اوشين جو وفد ملاقات ڪندي

طالبان حڪمران اتحاد کي وڏي ڌمڪي ڏئي ڇڏي

وڏي عرصي کان تحريڪ طالبان پاڪستان ۾ ڪنهن سياسي پارٽي خلاف ڪارروائي ناهي ڪئي: ٽي ٽي پي

جيڪڏهن اهي ٻئي پارٽيون پنهنجي موقف تي قائم رهيون ته ٻنهي سندن اهم اڳواڻن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

اسلام آباد (م د) پابندي مڙهيل تنظيم تحريڪ طالبان پاڪستان حڪومتي اتحاد ۾ شامل جماعتن پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ پاڪستان مسلم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ملڪ ۾ سون هڪدم سوين رُپيا مهانگو ٿي ويو

ڏهه گرام سون جي قيمت 772 رُپيا واڌ بعد هڪ لک ايڪهٺ هزار ڇهه سؤ چورانوي رُپيا آهي

عالمي منڊي سون 29 ڊالر اضافي سان 1862 ڊالر في اونس جو ٿي ويو آهي: سونارا ايسوسيئيشن

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ سون جي اگهه ۾ تيزي سان واڌ جو سلسلو جاري آهي ۽ اڄ به قيمت ۾ نو سؤ رُپيا واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

مُلڪ جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا

زلزلي ماپيندڙ مرڪز موجب زلزلي جي شدت 4.2 رڪارڊ ڪئي وئي

زلزلي ۾ ڪنهن به جاني ۽ مالي نقصان جي اڃا تائين ڄاڻ ناهي ملي

لاهور (م د) لاهور سميت پنجاب جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا آهن. زلزلي ماپيندڙ مرڪز موجب لاهور، شيخوپورا ۽ چنيوٽ سميت مختلف شهرن ۾ زلزلي جا هلڪا لوڏا محسوس ڪيا ويا آهن. زلزلي ماپيندڙ مرڪز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سکر: ايجوڪيشن ورڪس اينڊ سروس سکر جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

حافظ نعيم سان خالد مقبول جي ملاقات، مڪاني چونڊن تي ڳالهيون

ايم ڪيو ايم پاڪستان جي وفد جو اداري نور حق پهچڻ تي پرجوش استقبال ڪيو ويو

ملاقات ۾ ٻنهي پارٽين وچ ۾ ڪراچي جي صورتحال ۽ مڪاني چونڊن بابت ڳالهيون ڪيون ويون

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان سان ايم ڪيو ايم پاڪستان جي وفد خالد مقبول صديقي جي اڳواڻي ۾ ملاقات ڪئي، جنهن ۾ ڪراچي ۾ مڪاني چونڊن تي ڳالهيون ڪيون ويون. ايم ڪيو ايم پاڪستان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاهور: گنگا رام اسپتال جي هاسٽل ۾ ڊاڪٽرياڻي سان لڄالٽ جي ڪوشش

اڻڄاتل ڇوڪري دَر ڪڙڪايو، در کوليو ته هو ڪمري ۾ گهڙي آيو ۽ زيادتي جي ڪوشش ڪئي

مان ڇوڪري کي ڌڪو ڏئي گيلري رستي ٻئي ڪمري ۾ وڃي پاڻ بچايو: عورت جو موقف

لاهور (م د) گنگا رام اسپتال جي هاسٽل ۾ ڊاڪٽرياڻي سان مبينا زيادتي جي ڪوشش ڪئي وئي. پوليس موجب ڊاڪٽرياڻي واقعي جو ڪيس سول لائنز ٿاڻي ۾ داخل ڪرايو آهي. جنهن موجب اڻڄاتل ڇوڪري دَر ڪڙڪايو، در کوليو ته هو ڪمري ۾ گهڙي آيو ۽ زيادتي جي ڪوشش ڪئي. ايف آءِ آر ۾ عورت موقف اختيار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

عمران خان جهڙي جهانگير ترين سان ڪئي تهڙي باجوا سان، هو احسان فراموش آهي: پي ڊي ايم

عمران خان پنهنجي محسن سان به اِهو ڪارِ ڪري رهيو آهي جيڪو هن جهانگير ترين سان ڪئي، عمران خان جهانگير ترين کي بيلينسنگ ايڪٽ تحت نااهل ڪرايو

عمران خان جهڙي آئين ٽوڙيندڙ، احسان فراموش قوم جي قيادت جي لائق ناهي، ڏينهن رات رياست مدينا جو ڀاشڻ ڏيڻ وارو عمران بي حيائي جي تصوير بڻجي چڪو آهي

عمران خان وزيراعظم ته ڇا وزيراعظم هائوس جي اڳيان گذرڻ جي لائق به ناهي رهيو، وائيٽ پيپر جاري ڪرڻ سان عمران جي ڪاري ڪردار کي اپو اجري نئو ڪري سگهجي

اسلام آباد (م د) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) جي ترجمان حافظ حمدالله هڪ ڀيرو وري پنهنجي توپن جو رخ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ڏانهن ڪري ڇڏيو پي ڊي ايم ترجمان حافظ حمد الله عمران خان کي ڇتي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته جنهن جنرل (ر) قمر جاويد باجوا عمران خان کي اقتدار تائين پهچايو هو اڄ ڪيس تنقيد جو نشانو بڻائي رهيو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ٽڪبندين واري معاملي تي ايم ڪيو ايم جا خدشا ختم ڪيا ويندا: شرجيل ميمڻ

پيپلز پارٽي نئين ٽڪبندين واري معاملي تي قانوني مشاورت ڪري رهي آهي، نيون ٽڪبنديون ٽيڪنيڪل آهن ۽ ان معاملي کي ڏسي رهيا آهيون

ان ڏس ۾ پيپلز پارٽي قانوني ماهرن سان مشاورت ڪري رهي آهي، جيئن ئي ڪو سٺي موٽ ملندي ايم ڪيو ايم کي آگاهه ڪيو ويندو: صوبائي وزير

ايم ڪيو ايم پنهنجا خدشا سامهون رکيا آهن، سندن خدشن کي ختم ڪيو ويندو، اسان آئين ۽ قانون جي دائري ۽ اليڪشن ڪميشن جي فيصلي ۾ رهندي فيصلو ڪنداسين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سڌ سماءُ واري وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته پيپلز پارٽي نئين ٽڪبندين واري معاملي تي قانوني مشاورت ڪري رهي آهي. هڪ بيان ۾ شرجيل ميمڻ چيو ته نيون ٽڪبنديون ٽيڪنيڪل آهن ۽ ان معاملي کي ڏسي رهيا آهيون. ان ڏس ۾ پيپلز پارٽي قانوني ماهرن سان مشاورت ڪري رهي آهي، جيئن ئي ڪو سٺي موٽ ملندي ايم ڪيو ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: سنڌ جي سڌ سماءُ وارو وزير شرجيل ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

ٽي ڀيرا فيل ڪيو ويو هو به ساڳئي سبجيڪٽ ۾! شاگرد استادن خلاف عدالت پهچي ويا

ڪراچي (م د) ضياءالدين يونيورسٽي جي لا فيڪلٽي جي 63 شاگردن ٽي ڀيرا فيل ڪرڻ تي خلاف عدالت سان رابطو ڪيو آهي ٽي ڀيرا هڪ ئي سبجيڪٽ ۾ فيل ٿيل شاگردن پنهنجن استادن خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي آهي عدالت درخواست منظور ڪندي ضياءالدين يونيورسٽي انتظاميا سميت ٻين ڌرين کي نوٽيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پارٽي چيئرمين شپ تان هٽائڻ وارو معاملو، عمران خان اليڪشن ڪميشن خلاف وڏو قدم کڻي ورتو

پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين شپ تان هٽائڻ وارو اليڪشن ڪميشن جو نوٽيس چئلينج ڪري ڇڏيو

عمران خان اليڪشن ڪميشن جي ست ڊسمبر واري نوٽيس کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو آهي

اين اي 95 ۾ نااهلي کانپوءِ پارٽي چيئرمين شپ تان هٽائڻ جي ڪارروائي شروع ڪئي وئي: درخواست ۾ موقف

لاهور (م د) عمران خان پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين شپ تان هٽائڻ وارو اليڪشن ڪميشن جو نوٽيس چئلينج ڪري ڇڏيو. عمران خان اليڪشن ڪميشن جي ست ڊسمبر واري نوٽيس کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پاڪستان ۾ انصاف جي نظام جو بحران پيدا ٿي چڪو آهي: فواد چوڌري

اهو تاثر ڏنو پيو وڃي ته عدالتون فوج جي اثر هيٺ فيصلا ڪنديون آهن ۽ چيف جسٽس کي ٻڌايو ويندو آهي ته ڪهڙو فيصلو ڪرڻو آهي

ملڪ ۾ ٿيندڙ تباهي جا اثر سامهون اچي رهيا آهن، سپريم ڪورٽ جو ڪو به موقف سامهون نه اچڻ معاملن جي سنگيني جو کلي عام اظهار آهي

اعظم سواتي ڪيس ۾ جج جي فيصلي کان اڳ بدلي ڪئي وئي، هڪ ٽوئٽ تي ڪيترين ئي ايف آءِ آرز داخل ڪرڻ معمول جي ڳالهه ناهي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري چيو آهي ته پاڪستان ۾ انصاف جي نظام جو بحران پيدا ٿي چڪو آهي. پنهنجي ٽوئٽ ۾ فواد چوڌري چيو ته پاڪستان ۾ انصاف جي نظام جو بحران پيدا ٿي چڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: وفاقي وزير اسحاق ڊار پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪاليج ايجوڪيشن کاتي ۾ ڪامورن جا شاهي خرچ جا سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي ڪاليج ايجوڪيشن کاتي ۾ آفيسرن جي کوٽ باوجود ڪامورن شاهي خرچ جا سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ميڊيا جي رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته ڪامورن پيٽرول، مشينري ۽ فرنيچر جي خريداري ٽوڙي سفر تي 6 مهينن ۾ ٻوٽا 2 ڪروڙ رپيا خرچ ڪري ڇڏيا آهن پنهنجي اخبار جي رپورٽ موجب پيٽرول جي مد ۾ 41 لک 67 هزار 802 رپيا، اسٽيشنري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: سي اي او واٽر بورڊ جي صدارت ۾ اجلاس، اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

واٽر بورڊ جي سمورين زمينن جي فوري طور تي ڊرون سروي ڪرائي وڃي: سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين

پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏجي گرينڊ آپريشن ڪري انهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

واٽر بورڊ جي زمين جي هڪ هڪ انچ جي حفاظت ڪرڻ اسان جو فرض آهي، پوليس واٽر بورڊ جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

ڪراچي (رپورٽر) واٽر بورڊ جي سمورين زمينن جي فوري طور تي ڊرون سروي ڪرائي وڃي ۽ غير قانوني حدخلين ۽ واٽر بورڊ جي سرڪاري زمينن تي قبضا ڪندڙن جي نشاندهي ڪري پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏجي گرينڊ آپريشن ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اڳوڻي ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو پنهنجي ذاتي گاڏي جوابدارن لاءِ استعمال ڪئي: ام رباب

7 جنوري تي عدالت ۾ شاهدين به ريڪارڊ ڪيون وينديون، عدالت ڪيس شيڊول ڪري ڇڏيو آهي: ام رباب چانڊيو

عدالتن مان انصاف جي اميد آهي، سردارن مان حياتي کي خطرو آهي، لڳاتار مان ڪيس جي پيروي ڪري رهي آهيان

مان واضح ڪندي هلان ته هي جيڪي پوليس کاتي جا ڪجهه آفيسرز جيڪي پوليس ۾ ڪارو ڌبو آهن: صحافين سان ڳالهيون

دادو (رپورٽر) دادو جي عدالت ميهڙ جي ٽيڻي قتل ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو کي نامزد ڪرڻ واري اُم رباب جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي. عدالت پاران فيصلو 7 جنوري تي ٻڌايو ويندو ام رباب چيو آهي ته 7 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

دادو: ام رباب چانڊيو عدالت ۾ پيشي ۽ کان پوءِ صحافين سان ڳالهائيندي

ڪراچي: مڪاني چونڊن لاءِ تڪ بندين جي معاملي تي پ پ ۽ ايم ڪيو ايم ۾ ڊيڊ لاڪ برقرار

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني چونڊن جي لاءِ تڪ بندين جي معاملي تي پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ۾ جاري ڊيڊ لاڪ برقرار آهي. حڪمران اتحاد وچ ۾ ٻئي گڏيل اجلاس جي تاريخ طئي نه ٿي سگهي. ايم ڪيو ايم مڪاني چونڊن کان اڳ تڪ بندين ۾ تبديلي جو مطالبو ڪيو آهي، جڏهن ته پيپلز پارٽي چيو آهي ته اسان چونڊن لاءِ تيار آهيون. تڪ بندين جو معاملو اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

نئون ديرو: نصير آباد ۾ احتجاج ڪندڙ شاگردن مٿان پوليس جي تشدد واري عمل خلاف مظاهرو

ڪيهر ڳوٺ ٻاهران شاگردن ۽ استادن سکر – لاڙڪاڻو روڊ تي رڪاوٽون رکي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

والدين اڳ ئي پريشانين جو شڪار آهن، ويتر بورڊ پاران فيس وڌڻ وارو فيصلو تڪليف ڏيندڙ آهي: مظاهرين

مامري جو فوري نوٽيس وٺي بورڊ جو فيس وڌڻ وارو فيصلو واپس ڪرڻ ۽ شاگردن کان تعليم جو حق نه کسيو وڃي

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) تعليمي بورڊ لاڙڪاڻي پاران تائين ۽ ڏهين جي وڌايل فيس ۽ نصير آباد ۾ احتجاج ڪندڙ شاگردن مٿان پوليس جي تشدد واري عمل خلاف نئون ديرو جي هاير سيڪنڊري اسڪول ۽ ڪيهر هاءِ اسڪول جي شاگردن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز ۾ دهشتگردي جي انت

واري عدالت قتل ڪيس ۾ جوابدار کي

باعزت بري ڪري ڇڏيو

نوشهروفيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) دهشتگردي جي انت واري نوشهروفيروز جي خاص عدالت قتل ڪيس ۾ هڪ جوابدار کي باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي عدالت جوابدار جسقم جي ناحق باندي اڳواڻ رستم شر کي قتل ڪيس مان باعزت بري ڪرڻ جو فيصلو ٻڌايو جوابدار کي قتل ڪيس ۾ ٺوس ثبوت نه هجڻ جي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نئون ديرو: نصير آباد ۾ شاگردن مٿان پوليس جي تشدد واري عمل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ برسات ۽ ٻوڏ جو پاڻي نيڪال اڃا تائين نيڪال نه ٿي سگهيو

سردي ڪليل آسمان جي هيٺ ويٺل متاثرن جا اهنج وڌائي ڇڏيا، انتظاميه ڪا به واهر نه ڪئي

سردي جي شدت جي ڪري متاثرن جي مشڪلاتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي: متاثر

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايل بي او ڊي سم نالي جي ميڻا ملڪاڻي ... خيرپور گمبوهه پنگريو سمڻ شاهه پير بودلو ڏيهي ... متاثرن جا اهنج وڌائي ڇڏيا تفصيل موجب چار ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

شڪارپور پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪون ڏيڻ جو سلسلو جاري

اسان کي خوشي آهي ته اسان پريس ڪلب پهچي صحافي پائرن کي مبارڪباد پيش ڪئي آهي: آغا نبي داد

اسان پر اميد آهيون ته نوان چونڊيل عهديدار هر ننڍي وڏي مسئلي تي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) شڪارپور شهر جي معروف شخصيت سماجي اڳواڻ آغا نبي داد خان پٺاڻ شڪارپور پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن صدر رحيم بخش جمالي جنرل سيڪريٽري وحيد بروهي سميت ٻين عهديدارن وسيم سنجراڻي، جبران ابڙو، ابراهيم بروهي، عارف قريشي کي مبارڪباد ڏني ۽ گلن جا هار پهرايا ان موقعي تي آغا نبي داد خان پٺاڻ چيو ته اسان کي خوشي آهي ته اسان پريس ڪلب پهچي صحافي پائرن کي مبارڪباد ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

گڏاب ۾ سيڪريٽري صحت سنڌ سيد

ذوالفقار علي شاهه جي هدايت تي وير گهر

جي اڏاوت جو ڪم شروع

ڪراچي(رپورٽر) گڏاب يوسي شاهه مريد ۽ يوسي گڏاب ۽ سٽي گڏاب ۾ سيڪريٽري صحت سنڌ سيد ذوالفقار علي شاهه جي هدايت تي وير گهر جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي تفصيل موجب اٽ ڏينهن اڳ گڏاپ جي ڳوٺاڻن پاران يوسي شاهه مريد گڏاپ سٽي مختلف علائقن وير گهر جو ڪم بند ٿيڻ تي وڃڻ جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور: پريس ڪلب جي نوان چونڊيل عهديدارن جو ورتل هڪ گروپ فوٽو

ڪراچي: صوبن لاءِ جوڙيل ڪاميٽي ۽ سنڌ جا وسيلا وفاق حوالي ڪرڻ خلاف اجلاس

اجلاس ۾ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ فرحان لاڙڪ، مناش ش ي خ، ڪاشف خاصخيلي، ايس يو پي جي منير مگسي رزاق شر ۽ ٻين جي شرڪت

پاڪستان جي وجود کانپوءِ سنڌ سان زيادتين جو سلسلو جاري آهي جيڪو اڄ صدي کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ باوجود ختم نه ٿي سگهيو آهي: اڳواڻ

سنڌ معدني وسيلن سان مالا مال هجڻ باوجود بک بدحالي بيروزگاري جي ور چڙهي وئي آهي جنهن جو ذميوار پنجاب ۽ پيپلزپارٽي آهي: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) قومي اسيمبلي مان نون صوبن لاءِ جوڙيل ڪميٽي ۽ سنڌ جا وسيلا وفاق حوالي ڪرڻ خلاف سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي 7 جنوري تي رٿيل ڪراچي پريس ڪلب آڏو بک هڙتال ۾ شرڪت لاءِ اجلاس ٿي گذريو، وفاق ۽ سنڌ حڪومت جي فيصلن 7 ڪروڙ سنڌي قوم جي دلين ۾ نفرت جو ٻج ڇٽيو آهي ناڪام حڪمران پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙا فيصلا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو محمد خان پرسان سنڌ هاري ڪاميٽي پاران اٽي جي قيمتي ۾ واڌ خلاف پيادل مارچ، ڌرڻو

سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي اڳواڻ ثمر حيدر جتوئي، جبار باغي، ثناءُ الله سولنگي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ حڪومت جي نااهلي سبب اٽو اٿلپ تي ويو آهي اٽي جي قيمتن ۾ واڌ جي ذميوار موجوده سرڪار آهي: اڳواڻ

سنڌ حڪومت هارين کان ڪڻڪ سستي اگهه تي خريد ڪري هاڻي اٽو مهانگو ڪيو ويو آهي، غريب طبقو پريشان آهي

ٽنڊو محمد خان(ر مظفر علي بروهي)ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ گهرام وساڻ اسٽاپ تي سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان اٽي جي قيمتن ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف پيادل مارچ، احتجاج، ڌرڻو، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ گهرام وساڻ اسٽاپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪنڊڪوٽ پرسان ڳوٺ

مقدم پيرجان گولو جا

رهائشي 3 ڄڻا اغوا

ڪنڊڪوٽ(رپورٽر)ڪنڊڪوٽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد قمبراڻي لاڙو وٽان ڳوٺ مقدم پير جان گولو جا رهائشي ٽي ڄڻا اغوا ٿي ويا اغوا ٿي ويلن ۾ محبوب علي، جاويد علي ۽ برڪت علي شامل آهن اغوا ٿي ويل ٽنهي ڄڻن جو تعلق گولو برادري سان آهي اغوا ٿي ويل مغوين جي وارثن جو چوڻ آهي ته ٽنهي ڄڻن جي فيسبوڪ ذريعي ڌوهارين سان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان: سنڌ هاري ڪاميٽي پاران اٽي جي قيمتي ۾ واڌ خلاف پيادل مارچ جو ڏيک

غلام حيدر تعلقي اندر اٽو سستو نه ٿي سگهيو، عوام پريشانين ۾ مبتلا

مهانگائي ڏڪار واريون حالتون پيدا ڪري ڇڏيون آهن، سخت پريشان آهيون: پورهيت

ترت نوٽيس وٺي شهرن ۾ سستي اٽي جا اسٽال لڳائي واهر ڪئي وڃي: مطالبو

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر تعلقي اندر اٽو سستو نه ٿي سگهيو، عوام پريشانين ۾ مبتلا نوٽيس وٺي اٽو سستو ڪيو وڃي مطالبي جي گهر ٽنڊو غلام حيدر جي مڙني شهرن ۾ اٽو مهانگو ٿي 5 هزار روپيه مڻ ٿيڻ ڪري هتان جو پورهيت مزدور طبقو انتهائي لاچار بڻيل؟ انهي سلسلي ۾ مقامي شهري رهواسين سماجي اڳواڻن ۽ سوين پورهيتن مزدورن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هن هيڏي وڏي مهانگائي تعلقي جي مڙني شهرن ۾ ڏڪار واريون حالتون پيدا ڪري ڇڏيون آهن مزدور طبقو سخت پريشان آهي ٻچن جو پيٽ پالڻ به مشڪل بڻيل آهي ته مٿان وري سرڪار اٽو مهانگو ڪري غريبن ماڻهن مٿان مهانگائي جو بم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

هن معاشري ۾ صحافين جو وڏو ڪردار آهي: جسم چيئرمين رياض چانڊيو

اسان قومي ڪارڪنن جو به فرض آهي ته اسان صحافي پائرن سان هر ڏک سک ۾ گڏ ٿيون

صحافي مظلومن جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائڻ ۾ ڏينهن رات محنت ڪري ٿو هن ڪري

سنڌ زرعي لحاظ کان وڏو صوبو آهي ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي : ڪوٺايل تقريب کي خطاب

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) جسم چيئرمين رياض احمد چانڊيو شڪارپور پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن صدر رحيم بخش جمالي، جنرل سيڪريٽري وحيد بروهي، وسيم سنجراڻي، جبران ابڙو، ابراهيم بروهي، عارف قريشي سميت ٻين کي گلن جا هار پهرايا ان موقعي تي جسم چيئرمين رياض احمد چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن معاشري ۾ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

اڪثر علائقن ۾ ٺيڪيدار

سامان روڊن تي رکي گم ٿي

ويا

سکر: سکر جي عدالت انڌي پلهڻ جو شڪار ڪرڻ واري ڪيس ۾ جوابدار کي پنج سال قيد ۽ اڍائي لک روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جيل موڪلي ڇڏيو ان سلسلي ۾ سکر جي اسپيشل ڪورٽ حدود جي جج پنهوعاقل جي رهواسي منور علي ميراڻي ولد شمس دين ميراڻي کي انڌي پلهڻ جو شڪار ڪرڻ وارو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي پنج سال قيد ۽ اڍائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

شڪارپور: جسم چيئرمين رياض احمد چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي

ٽنڊوباگو ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، هڪ ڏينهن ۾ 4 وارداتون

ڳوٺ گل محمد ترڪ ويندڙ وسايو ترڪ ۽ سندس پاءُ کان هٿياربند 50 هزار روڪ ۽ ٻيو سامان ڦري ڪري ويا

پنگريو روڊ پرسان نامعلوم ڦورن ڏينهن جو موٽر سائيڪل تي ايندڙ لالي پٺاڻ کان روڪ رقم ڦر ڪري ويا

هڪ نوجوان کان نامعلوم ڦورو موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا، متاثرن پاران نوٽيس وٺڻ جي گهر

ٽنڊوباگو(رپورٽ: رفاقت جروار) ٽنڊوباگو ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، هڪ ڏينهن ۾ ڦرن جون ڌاڙ ڌاڙ چار وارداتون. ٽنڊوباگو پنگريو روڊ نان شيڊي هوٽل وٽ ٽنڊوباگو پوليس جي حد مان ڪراچي کان مزدوري ڪري واپس ڳوٺ گل محمد ترڪ ويندڙ وسايو ترڪ ۽ سندس پاءُ جيڪي موٽر سائيڪل تي سوار هئا. جن کان نامعلوم ڦورن هٿيارن جي زور تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

سيناڙجا ۾ ماستريائي پاران نوجوان پٽ سميت ڏير خلاف احتجاج

منهنجو ڏير ممتاز ۽ سندس پٽ جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي: هدايت خاتون

اسان غريب آهيون، معاملي جي انڪوائري ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

سيناڙجا(رپورٽر) سيناڙجا شهر جي محلا عثمان آباد جي رهواسي ماستريائي هدايت خاتون ملڪاڻي پنهنجي پٽ علي عباس ملڪ سان گڏجي مٺي احتجاج ڪندي الزام مڙهيو ته منهنجو ڏير ممتاز ۽ سندس پٽ مهتاب ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نئون ديرو واسي ٽرڪ جي ٽڪر لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

غريب آباد محلي جي 13 سالن جو ڇوڪرو نوجوان ظهير احمد چنو سخت زخمي ٿي پيو

زخمي حالت ۾ نئون ديرو اسپتال آندو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) نئون ديرو محلا غريب آباد جي رهواسي ٽرڪ جي ٽڪر لڳڻ سبب فوت ٿي ويو ... نئون ديرو اسپتال آندو ويو زخمي نوجوان جي حالت تشويشناڪ هجڻ ڪري نوجوان کي نئون ديرو اسپتال کان لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ آماڻيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو جنهن جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. ٻئي پاسي نئون ديرو پوليس پاران مليل ڄاڻ موجب ٽرڪ ڊرائيور کي گرفتار ڪري نئون ديرو ٿاڻي ۾ لاڪپ ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نئون ديرو: ٽرڪ جي ٽڪر لڳڻ سبب فوت ٿي ويل ٽينگر

ٺٽو: فقير جو ڳوٺ جي پرائمري اسڪول جو مرمتي ڪم هلندڙ

تعليمي ادارا اسان جا آهن مرمتي ڪم ۾ ڪا به ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي: استاد

پهرين مرحلي ۾ ٽن ڪلاس رومز کي ٻڌ نئين سر فوري تعمير ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي

ٺٽو(د ر) تعليمي ادارن جي مالڪي سڀني جي ذميواري آهي. پرائمري اسڪول فقير جو ڳوٺ جي 3 ڪلاس رومز جي هلندڙ مرمتي ڪم ۽ خاص ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

هن وقت ٽائون ڪاميٽي مالي گهوٽالي جو شڪار آهي: ٽائون آفيسر ٽنڊوباگو

پبلڪ هيلٿ ڪاٽي واٽر سپلائي ۽ ڊرينج سسٽم ٽائون ڪميٽي جي ڪنڌ ۾ هٿي ڇڏيو آهي

اسان جي ڪوشش آهي ته شهر ۾ صفائي جو نظام بهتر هجي : همايون خان جوکيو

ٽنڊوباگو(رپورٽ: سهيل سمون) ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جي ٽائون آفيسر همايون خان جوکيو ۽ ايڊمنسٽريٽر انيل ڪمار لوهاڻو پاران شهر ۾ صفائي، محلن ۾ واٽر سپلائي جي پاڻي جي کوٽ ۽ ڊرينج اسٽيشن جي مرمت لاءِ ٽائون ڪميٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڏاروشاهه پوليس اغوا ٿي ويل ناري بازياب ڪرائي ورتي

ڳوٺ منو سيال مان ڏيڍ مهينو اڳ هٿياربند ناري رضوانا کي اغوا ڪري ويا هئا

ڳجهي اطلاع تي ڇاپو هڻي ناري کي بازياب ڪرائي ورتو آهي: پوليس

ڏاروشاهه(رپورٽر راشد علي ميمڻ) ڏيڍ مهينو اڳ مبينا طور اغوا ٿيل ناري رضوانا سيال کي پوليس بازياب ڪرائڻ جي دعوا ڪري ورتي 5 جوابدار گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڏاروشاهه: پوليس پاران بازياب ڪرائيل ناري

گهارو ۾ پ پ پ اڳواڻ محمد عثمان ڪنيار جي رهائشگاهه تي گڏجاڻي منعقد

بلدياتي اليڪشن ۾ بيٺل ٻن آزاد اميدوارن حيدر چنو ۽ وڏيرو شوڪت ۽ ٻين جي شرڪت

ڪوشش سان سامهون بيٺل آزاد اميدوارن حق ۾ هٽ ڪئي ويا آهن: محمد عثمان ڪنيار

ٺٽو(د ر)پ پ پ ضلعي ٺٽي جي صدر صادق علي ميمڻ ۽ پ پ پ ضلعي ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري امتياز قريشي جي خاص هدايتن تي پ پ پ اڳواڻ محمد عثمان ڪنيار پاران گهارو ۾ سندس رهائش تي هڪ گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ميمڻ ڳوٺ جي دڪاندارن اٽو اسٽاڪ ڪري عوام کي پريشان ڪيو: اي سي

مونکي شڪايتون مليون آهن ته ميمڻ ڳوٺ ۾ دڪاندار ناجائز ريٽ تي اٽو وڪرو ڪري رهيا آهن

ڪنهن به واپارين اٽو اسٽاڪ ڪيو ته انهن دڪاندارن جا دڪان سيل ڪيا ويندا: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) اسسٽنٽ ڪمشنر مراد ميمڻ اعجاز علي هاليپوٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ميمڻ ڳوٺ جي دڪاندارن اٽو اسٽاڪ ڪري عوام کي پريشان ڪيو پيو وڃي، انهي جو سختي سان نوٽس ورتو ويندو، هن چيو ته مونکي شڪايتون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي: اسسٽنٽ ڪمشنر مراد ميمڻ اعجاز علي هاليپوٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڀرياسٽي ۾ سستي اگهه تي اٽو فراهم، عوام جي رش

اٽو عوام تائين پهچائڻ لاءِ هر شهر ۾ اسٽال لڳرائي رهيا آهيون: اي سي

ڪوشش آهي ته ٻين شهرن ۾ به عوام کي سستو اٽو فراهم ڪيون

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)ڀرياسٽي جي مين چوڪ تي اسسٽنٽ ڪمشنر پريا شاهد سرڪي بسم فلور مل مالڪ نذير اختر آرائين 10 ڪلو اٽي جا 5 سئو بيگ جو اسٽال لڳايو اسٽال جو افتتاح اسسٽنٽ ڪمشنر پريا ڪيو ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مورو پرسان مارجي ويل درويش نوجوان شهمير پٺاڻ جي قبرڪشائي

جوڊيشنل مئجسٽريٽ وسيم لاکير جي نگراني ۾ ميڊيڪل ٽيم سان گڏ قبرڪشائي ڪئي

قبرڪشائي بعد لاش کي وارث ڪٺائي ويا، لاش کي اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويندو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) مورو پرسان ڳوٺ درس ويجهو وڏيري محمد خان ابڙو جي زرعي زمين تي هڪ مهينو اڳ ڪتن واٺان مبينا مارجي ويل درويش نوجوان شهمير پٺاڻ جي والد زاهد حسين پٺاڻ جي درخواست تي درگاهه چتن دل جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو ۾ ام رباب چانڊيو جي گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي

دليلن بعد ايس ايڇ او ڪريم بخش کي ڪيس ۾ شامل ڪرڻ يا نه ڪرڻ بابت فيصلو محفوظ

پوسٽنگ سياسي بنيادن تي ٿيندي آهن، ٻئي ڌريون پاور فل آهن: ايس ايڇ او ڪريم بخش

دادو(ن سنڌيار) دادو جي ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو جي وڪيل جي دليل ڪاٽڻ، ايس ايڇ او ڪريم بخش کي ڪيس ۾ شامل ڪجي يا نه عدالت 7 جنوري تائين فيصلو محفوظ ڪري ڇڏيو عدالت ڪيس شيڊول ڪري/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو: ام رباب چانڊيو جي گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي بعد ام رباب چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي

نوان جتوئي ۾ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ۽ اٽي جا اگهه وڌي وڃڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

شهر ۾ سياسي سماجي ڌرين ۽ مزدورن پاران ڳچي ۾ سڪل ماني ٻڌي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

اٽي جا اگهه وڌي رهيا آهن افسوس آهي هتي هر شي جا اگهه پاٽمرادو وڌايا وڃن ٿا ڪير پڇڻ وارو ناهي: مظاهرين

پاٽمرادو نوٽيس وٺي اٽي کي سستو ڪيو وڃي ۽ غريب ماڻهن کي خودڪشي ڪرڻ کان بچايو وڃي: مطالبو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)سنڌ ۾ وڌندڙ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ۽ اٽي جا اگهه وڌي وڃڻ خلاف نيوجتوئي شهر ۾ سياسي سماجي ڌرين ۽ مزدورن طرفان ڳچي ۾ سڪل ماني ٻڌي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو- ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سيناڙجا ۾ نائب صدر ورڪرز يونين

اسڪارپ ٽيوب ويل ذاڪرحسين ڪهر

لاڏاڻو ڪري ويو

سيناڙجا(الطاف حسين پٺو)نائب صدر ورڪرز يونين اسڪارپ ٽيوب ويل ڊويزن راڻيپور ذاڪرحسين ڪهر ڪجهه عرصو علالت ۾ رهڻ بعد 50 سالن جي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو آهي سندس جي جنازه نماز سيناڙجا پرسان ڳوٺ محمد صادق ڪهر ۾ ادا ڪئي وئي جنازه نماز ۾ غلام اصغر مڪول، زاهد لاشاري، عبدالشڪور ميمڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهرو فيروز: اٽي جا اگهه وڌي وڃڻ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز: عدالت قتل ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي عمر قيد ۽ چار جوابدار آزاد

ٻن جوابدارن عاشق ڪلهوڙو عمر قيد ۽ پنج لک ڏنڊ ۽ ممتاز ڪلهوڙو کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي وئي

چئن جوابدارن علي نواز، اڪبر، بخشل ۽ فريد ڪلهوڙو کي شڪ جو فائدو ڏيندي باعزت بري ڪري ڇڏيو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڏاروشاهه پرسان ڳوٺ زونڪي ڪلهوڙو ۾ 4 سال اڳ قتل ٿي ويل حبيب الله ڪلهوڙو جي قتل ڪيس نوشهروفيروز جي ايڊيشنل سيشن ڪورٽ جي عدالت قتل ڪيس ۾ ملوث ٻن مک جوابدارن هرهڪ عاشق ڪلهوڙو ولد غلام نبي ڪلهوڙو کي عمر قيد ۽ پنج لک روپيا ڏنڊ ۽ ممتاز ڪلهوڙو ولد محمد بچل ڪلهوڙو کي عمر قيد جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

واره ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي

نصير شاخ ۾ ڪڻڪ جي فصل لاءِ پاڻي جي کوٽ خلاف ايس يو پي آفيس کان تعلقه پريس واره تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

پ پ جي خراب ۽ نااهل حڪمراني سبب چار مهينا اول هترادو ٻوڏ ۾ واره تعلقي کي هٽ وٺي ٻوڙيو ويو آهي: مظاهرين جون داتهون

هاڻي ڪڻڪن جا فصل سڪڻ لڳا آهن، واره جي نصير شاخ ۾ ڪڻڪ جي فصل ڪرڻ لاءِ پاڻي ڪونهي، نوٽيس ورتو وڃي: مطالبو

واره(رپورٽ طالب حسين چانڊيو) واره ٻڏي به سنڌ، سڪي به سنڌ، ڪجهه مهينا اول هترادو ٻوڏ ۾ ٻوڙيل واره جي شاخن ۾ ڪڻڪ جي فصل لاءِ پاڻي اڻلڀ، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان احتجاجي ريلي واره ۾ ٻوڏ ڪاٽيو، ڪيل ڪڻڪن جا فصل سڪڻ لڳا آهن. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي واره طرفان سنڌ مرڪزي اڳواڻ جلال شاهه بخاري جي اڳواڻي ۾ واره تعلقي جي نصير شاخ ۾ ڪڻڪ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

واره: سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

پنگريو ۾ صحافت جو بنياد وجهندڙ

سينئر صحافي نانا احمد ڪٽي

هميشه لاءِ وڇڙي ويو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) اڄ بدين ضلع جي هڪ اهڙي ڪردار جي پچائي ٿي آهي جيڪو هميش ٻين لاءِ جيئندو هو پنگريو ۾ صحافت جو بنياد وجهندڙ سينئر صحافي نانا احمد ڪٽي بلند پائي جي صحافي سان گڏ اتيڪ خوبين جو مالڪ هو سندس وڇوڙي سان بدين ضلعي جي صحافت ۾ هڪ نه پرجندڙ خال پيدا ٿي ويو آهي پنگريو ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

بدين ۾ نون ڀرتي ٿيل استادن جي من پسند مقررين سبب بند پيل اسڪول نه کلي سگهيا

مڊل اسڪول حاجي قاسم ابڙو ۾ 22 استاد مقرر ڪيا ويا آهن پر اسڪول ۾ شاگردن جي انرولمنٽ موجب 3 استادن جي ضرورت آهي : ذريعا

مڊل اسڪول بيراج ڪالوني بدين جنهن ۾ 6 کان 8 ڪلاس تائين تعليم ڏني وڃي ٿي پنجاهه ٻار آهن اتي 13 استاد اڳ ۾ مقرر ڪيل آهن

بند پيل اسڪول کولرايا وڃن، ضلعي ۾ تعليم دشمن آفيسرن کي هڪدم بدين مان نيڪالي ڏني وڃي تعليم کي تباهي کان بچايو وڃي: سڄاڻ ڌريون

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) تعليم کاتي جي اعلي عملدارن جي ملي ڀڳت سان لکين روپيا رشوت جي عيوض نون ڀرتي ٿيل استادن جي من پسند مقررين سبب بند پيل اسڪول نه کلي سگهيا تفصيل موجب بدين ضلعي ۾ نون استادن جي ڀرتين ۾ ضلع جي ايلمينٽري سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊري آفيسر جيڪو سليڪشن ڪميٽي جو چيئرمين ٻڻ آهي سندس آفيس سپرنٽينڊنٽ/بقايا پڙهو صفحو3 نمبر 11

ڪشمور ۾ ايس ايس پي نئين تعمير ڪيل پوليس چيڪ پوسٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو

پوليس چوڪي قائم ڪرڻ جو مقصد ڀرپاسي جي مقامي آبادگارن ۽ رهواسين کي تحفظ فراهم ڪرڻ آهي: ايس ايس پي

ڪچي جا ڌوهاري دم دما رستي کان ڪراس ٿي ڪشمور مان چوريون ڦورون ڪري آساني سان فرار ٿي ويندا هئا: زبير نظير شيخ

پوليس چوڪي قائم ٿيڻ پوليس جي وڏي ڪاميابي آهي ڌوهن تي مڪمل طور پوليس جو مڪمل ڪنٽرول قائم ٿيندو

ڪشمور(رپورٽ اصغر علي چانڊيو) ڪشمور ايس ايس پي زبير نظير شيخ ۽ اڳوٽي ٽائون ڪاميٽي چيئرمين اسرار احمد ڪوسو گيهلپور ٿاڻي جي حد ڪي ڪي بند دم دما وٽ نئين تعمير ڪيل پوليس چيڪ پوسٽ جو افتتاح ڪيو ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر : ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ

آفيس جو ترقياتي ڪم

مڪمل

سکر: ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس سکر جو ترقياتي ڪم مڪمل بجلي وارو ڪم رولڙي جو شڪار وارو باالٿر ٺيڪيدار بجلي جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو اڪائونٽ آفيس بجلي جو ڪم مڪمل نه ٿيڻ بعد به فنانس کاتي حوالي ٿيڻ جو انڪشاف بجلي جو ڪم نه ٿيڻ سبب عملي کي ڏکيائون پيش آفيسر آفيس جو ڪم آفيسن اندر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بدين: پوليس جي مختلف ڪارروائين ۾ گرفتار ڪيلملزم حراست ۾ بيٺل آهن

بدين پوليس جون مختلف علائقن ۾ پوليس جون ڪارروايون، 13 ڄڻا گرفتار

ايس ايڇ او انور لغاري جوابدار نواز ملاح کي گرفتار ڪري پسٽل ۽ رائونڊ برآمد ڪري ورتا

پوليس ڪارروائين دوران گرفتار جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري ورتا. جاچ به شروع

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين پوليس قتل جي جوابدار سميت 13 جوابدارن کي گرفتار ڪري شراب چرس ۽ غير قانوني هٿيار برآمد ڪري ورتا تفصيل موجب ايس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ جي هدايت تي ايس ايڇ او بدين انور لغاري جوابدار نواز ملاح کي گرفتار ڪري پسٽل ۽ رائونڊ برآمد ڪري ورتا جڏهن ته چوري جو موٽرسائيڪل برآمد ڪري مالڪ اسحاق عباسي جي حوالي ڪيو آيس ايڇ او ماتلي مير محمد گاڏاهي منشيات فروش عنايت ڪلهوڙو کي گرفتار ڪري 15 ڪلوگرام چرس برآمد ڪري ورتو جڏهن ته ٽن گهٽڪا فروشن ارشاد ٽيهو شبير سومرو يوسف آرائين کي 1260 گهٽڪن سميت گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته شهري رحيم گيهلڙو جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهرو فيروز جي ڳوٺ قادر بخش ساند ۾ مچ ڪچهري منعقد

مچ ڪچهري ۾ ساهتي پرڳڻي جا نالي وارن سگهڙن شاعرن اديبن صحافين ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ۽ شهرن ۾ اهڙيون مچ ڪچهريون ڪوٺائي اوطاقون آباد ڪرڻ گهرجن: اڳواڻ

اهڙيون مچ ڪچهريون هر سال سياري جي ٿڌ ۾ ٿيڻ گهرجن ته جيئن ڳوٺاڻا عزيز دوست گڏجي حال احوال اوري سگهن

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)نوشهرو فيروز جي ڳوٺ قادر بخش ساند ۾ نئين سال 2023 جي آمد جي حوالي سان مچ ڪچهري ڪوٺائي وئي جنهن ۾ ساهتي پرڳڻي جي نالي وارين شخصيتن شرڪت ڪئي مچ ڪچهري ۾ ساهتي پرڳڻي جا نالي وارن سگهڙن شاعرن اديبن صحافين ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت بابت ڏور پيت لطيف لات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر شهر ۾ هلندڙ

ترقياتي ڪم رولڙي جو

شڪار

سکر: سنڌ جي ٽئين وڏي تاريخي شهر سکر ۾ چونڊيل نمائندن ۽ ڪامورن جي نااهلي سبب هلندڙ ترقياتي ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويا آهن اڪثر علائقن ۾ هلندڙ ترقياتي ڪم گذريل ڪيترن ئي مهينن کان بند پيل آهن. پراڻو سکر، لطيف پارڪ، شاليمار سي سيڪشن واري روڊ کان ٽانگا اسٽينڊ، ٽائين ٺهندڙ روڊ جو تعميراتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز: ڳوٺ قادر بخش ساند ۾ مچ ڪچهري منعقد ڪئي وئي

سکر: سنڌ ۾ وڌندڙ هترادو اٽي جي بحران خلاف آل پارٽيز اڳواڻن جي پريس ڪانفرنس

سنڌ حڪومت ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي غريب هڪ وقت جي ماني ڪائڻ لاءِ پريشان آهي: مولانا عبيدالله ڀٽو

حڪمران عياشي ۽ ڪرپشن ڪرڻ ۾ پورا آهن ٻين صوبن اندر ڪنهن شئي جو ڪو بحران ناهي پر سنڌ اندر اٽو به نٿو ملي

سنڌ واسي ماني جي هڪ ٽڪري لاءِ پريشان آهن، معاملي جو نوٽيس وٺي سنڌ غريب کي بنيادي حق ڏياريا وڃن: ڳالهيون

سکر(رپورٽر) سنڌ ۾ وڌندڙ هترادو اٽي جي بحران خلاف آل پارٽيز جي اڳواڻن جي مولانا عبيدالله ڀٽو ابن آزاد قيادت ۾ سنڌ حڪومت خلاف پريس ڪانفرنس خبر موجب سنڌ ۾ وڌندڙ هترادو اٽي جي بحران خلاف آل پارٽيز سکر جي پريس ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سکر شهري اتحاد جو چيئرمين مولانا عبيدالله ڀٽو ابن آزاد، سکر ڊويلپمنٽ الائنس جي آغا طاهر مغل جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 05 جنوري 2023ع

بچت سان گڏ وسيلا وڌائڻ تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي

اسان جي بدقسمتي رهي آهي ته ملڪي وسيلا عوام تي خرچ ڪرڻ بدران سدائين حڪمرانن ۽ اليٽ ڪلاس تي خرچ ڪيا ويندا آهن ۽ جڏهن ڪاسوڙهه ٿيندي آهي ته بچت جون صلاحون وري عوام کي ڏنيون وينديون آهن جنهن ڪري وسيلا خرچ ته وڌيڪ ٿيندا آهن پر بچت تمام گهٽ ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ ته جتي وڌيڪ خرچ ٿئي ٿو اتي ڪو به بچت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي باقي عوام جي بچت مان وسيلن تي ڪو فرق پوي اهو ممڪن ئي نظر نه ايندو آهي پوءِ سدائين جهاڙ يا اوڌر تي ڪم پيو هلندو آهي. جڏهن ڳالهه صفا گهڻي ڳري ٿي ويندي آهي ته نوان نوان تجربا ڪري بحران کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪبي آهي پر وسيلا وڌائڻ تي ڪڏهن به ڌيان نه ڏنو ويندو آهي.اهو رويو اسان جي سماج جو مجموعي رويو آهي جيڪو حڪمران ئي عوام کي سيکارين ٿا جنهن جو اثر هيٺ عوام تائين پکڙيو رهي ٿو جيڪڏهن ائين چئجي ته اسان جي سماج ۾ وسيلن کي استعمال ڪرڻ بدران زيان ئي ڪيو وڃي ٿو ته غلط نه ٿيندو .جنهن جا ڪيترائي مثال ڏئي سگهجن ٿا.

اسان وٽ وري وڏي بدقسمتي اها آهي ته سرڪاري وسيلن جي ڪڏهن مالڪي نه ڪئي وئي آهي ان کي سرڪاري سمجهي ائين ڦريو لٽيو وڃي ٿو ڄڻ اهي وسيلا ڪنهن دشمن جا هجن جڏهن ته حقيقت اها آهي ته اهي وسيلا عوام جي پگهر جي پورهئي جي ٽيڪس مان ئي پيدا ٿين ٿا. حڪمران ۽ ڪامورا ته انهن وسيلن کي مال غنيمت سمجهي لٽين ٿا پر عوام به سرڪاري ملڪيتن ۽ وسيلن جو خيال يا پرواهه نه ٿي ڪري. گهڻي وقت کان وٺي ملڪ جون معاشي حالتون خراب ٿيڻ جو اثر ٿيڻ شروع ٿيو آهي جنهن ڪري هڪ طرف مهانگائي چوٽ چڙهي رهي آهي ته ٻئي طرف وري بجلي ۽ گئس جي شديد کوٽ پيدا ٿي رهي آهي جنهن ڪري نه گئس ٿي لڀي نه ئي 24 ڪلاڪ بجلي موجود هجي ٿي. معاشي طور ڏکيا فيصلا ڪرڻ ڪانپوءِ هاڻي وري توانائي بچائڻ لاءِ ڪجهه فيصلا ڪيا ويا آهن جن جي ڪالهه وفاقي ڪابينا منظوري ڏني آهي. ڏسجي ته انهن فيصلن مان ڪيتري بچت ٿئي ٿي جو ملڪي گهرجون پوريون ٿي سگهن انهي بچت سان گڏ جيڪڏهن وسيلا وڌائڻ تي ڌيان ڏنو وڃي ته تمام گهڻيون ڏکيايون گهٽ ڪري سگهجن ٿيون. وفاقي سرڪار پوري ملڪ ۾ شادي هالز رات 10 وڳي ۽ مارڪيٽون ساڍي 8 وڳي بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي تهجڏهن ملڪ ۾ مارڪيٽون ساڍا 8 وڳي ۽ شادي هال رات 10 وڳي بند ڪيا ويندا.ان سان گڏ سڄي ملڪ ۾ اِي بائيڪس متعارف ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. وفاقي ڪابينا جي اجلاس بعد ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي وفاقي وزير خواجا آصف چيو ته توانائي بچائڻ لاءِ ملڪ جي سمورن سرڪاري آفيسن ۾ 30 سيڪڙو بجلي جو استعمال گهٽايو ويندو. هن فيصلي سان 62 ارب رپين جي بچت ٿيندي. پهرين فيبروري کان غير معياري بلب ۽ پهرين جولاءِ ڪانپوءِ بجلي تي هلندڙ پکا تيار نه ڪيا ويندا. ڏکي معاشي صورتحال ۾ اهي ڪنهن قدر بهتر فيصلا آهن جنهن سان هڪ طرف توانائي جي بچت ٿيندي ته ٻئي طرف ملڪي ناڻي تان به بار گهٽ ٿيندو.

اسان سمجهون ٿا ته هي بحران ڪو اوچتو نه آيو آهي گذريل ڪيترن سالن جي غلط پاليسين سبب وسيلن هوندي ملڪ بحرانن کي منهن ڏيندو رهيو آهي .هن وقت به جڏهن عوام ڪجهه ڪلاڪن جي بجلي لاءِ پريشان آهي باوجود ان جي جو اها مهانگي ملي ٿي پر پوءِ به حڪمرانن ڪامورن چونڊيل نمائندن کي مفت بجلي ڏني ٿي وڃي جنهن جو سڄو بار عوام تي پئجي رهيو آهي. تنهن ڪري حڪومت کي عوام کي بچت جون صلاحون ڏيڻ سان گڏ پنهنجي وسيلن کي وڌائڻ جون ڪوششون ڪرڻ گهرجن ان سان گڏ جيڪو سرڪاري وسيلن جو غير ضروري استعمال ٿي رهيو آهي انهن کي ختم ڪجي ته ڪنهن قدر بهتري اچي سگهي ٿي.

سنڌ ۾ سياسي اتحادي ۽ جڳاڙي اتحاد

ممتاز منگي

سنڌ ۾ سياسي اتحادن جي اهميت ۽ ضرورت تي بحث ڪرڻ کان پهريان اسان کي لازمي ڏسڻ گهرجي ته پوري سنڌ جو سياسي ماحول ڪهڙو ۽ ڪيئن آهي ۽ عوام ۾ سياسي شعور ڪيترو ۽ ڪيتري سطح تائين موجود آهي ۽ انهيءَ کان علاوه سنڌ جون سياسي جماعتون پنهنجي سياسي سگهه ۾ ڪيتريون طاقتور آهن؟ انهن تمام سوالن کي اڳيان رکڻ کان پوءِ سنڌ جو سياسي منظر هي جو نظر اچي ته عوام پنهنجي سماجي . معاشي ۽ سياسي تضادن ۾ انتهائي گهڻو ۽ گهڻ رخو جڪڙيل آهي، جڏهن صورتحال اهڙي هجي معاشي ۽ سماجي تضاد هر روز نت نوان ٽڪراءَ پيدا ڪندا هجن ته پوءِ لازمي طور اتي يعني ان سماج ۾ سياست جي اهميت هڪ ته وڌيل هوندي آهي پيو سياست ڪرڻ جي لاءِ سياسي پارٽين کي تمام گهڻي آسانيءَ سان ڪم ڪرڻ جو گرائونڊ ملي ٿو معاملو رڳو معاشي ۽ سماجي ٽڪرائن جي هڪ سطح جو ناهي پر هتي سنڌ ۾ انهيءَ کان به وڌيڪ بدتر صورتحال هي آهي ته سنڌ حڪومت پنهنجو حڪومتي ڪردار اهو ادا ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي جنهن جي لاءِ هو آئيني ۽ قانوني طور تي پابند آهي. اسان هي به سوال نٿا اٿاريون ته ڪنهن سياسي حڪومت جي لاءِ انتظامي فرض ادا ڪرڻ قانوني طور تي ته هوندائي آهن پر انهيءَ کان وڌيڪ سياسي ، اخلاقي بنيادن تي انتظامي فرض ادا ڪرڻ لازمي هجن ٿا. هن وقت سنڌ جي اندر حڪومت جي ڪنهن به شعبي ۾ جيڪڏهن نگاهه ڊوڙائي ڏسبي ته هر شعبو ڪرپشن جو ڳڙهه بد ۽ بري ڪارڪردگي نظر ايندي تعليم ، صحت ، ترقياتي ڪم يا امن امان سڀ جو سڀ تباهه ۽ برباد نظر پيا اچن مارڪيٽ جي اندر ڪا به انتظامي ڪارڪردگي قيمتن ۽ ڪوالٽي جي ڪنٽرول جو نالي ماتر عمل به نظر نه ايندو انهيءَ کان وڌيڪ صورتحال بري ۽ بدتر هي آهي ته سنڌ ۾ ننڍو يا وڏو جيڪو به ڪرائيم ٿئي ٿو انهيءَ جي ايف آئي آر به داخل نٿي ڪئي وڃي. اڪثر اسان کي هي نظر پيو اچي جڏهن ڪو قتل ڌاڙو يا وڏو ڪرائيم ٿئي ٿو ته انهيءَ جي لاءِ (خاص ڪري ڪمزور ماڻهن ڪي) عوام کي احتجاج ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا به راهه نظر نٿي اچي. پوري دنيا ۾ شايد اسان جو ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ اهو اعزاز ماڻيو آهي ته ماڻهن کي امن ته نه ملي ۽ نه وري انصاف جي اميد پر هو ڀاڻ سان ٿيل زيادتي جو ريڪارڊ رکڻ جي لاءِ جيڪڏهن ايف آئي آر داخل ڪرائڻ وڃن ٿا ته هر ٿاڻي تي هڪڙو غير سرڪاري رجسٽرڊ پيو آهي جنهن ۾ هن جي شڪايت درج ڪري چون ٿا ته "اين سي داخل ڪئي آهي. هاڻي جانچ ڪنداسين توهان گهر هلو" ڪنهن به سرڪاري محڪمي ۾ معمولي کان معمولي ڪم ان وقت تائين نٿو ٿئي جيستائين ڪو ايم پي اي يا ايم اين اي يا پارٽي جو ڪو عهديدار سفارش نٿو ڪري. آفتن ۽ عذابن جي پوڳنا جيڪا به سنڌ پوڳي انهيءَ جو ازالو تصور کان به ٻاهر ڪيو ٿو وڃي انهن تمام برين ۽ بدترين حالتن جو جيڪڏهن گهرائي سان تجزيو يا تفصيل بيان ڪبو ته تمام گهڻي طوالت ٿي ويندي. مختصر هي ته جڏهن ڪان حڪومت ۽ خاص ڪري عوام جي ووٽن تي چونڊجي اچڻ جي دعويٰ ۽ فخر ڪندڙ پارٽي جي ڪارڪردگي اهڙي هجي ته پوءِ

حڪومت کان ٻاهر ڪنهن به سياسي جماعت جي لاءِ عوام ۾ ڪم ڪرڻ ڪيئن ڏکيو ٿي سگهي ٿو؟ سنڌ پنهنجي سياسي جدوجهد جي هڪ بهترين مزاحمتي تاريخ رکي ٿي اتي ڪم ڪرڻ اڃان به وڌيڪ سولو آهي . پر سڄي سنڌ کي جڏهن ڏسجي ته تمام سياسي جماعتون عوامي سگهه وڌائڻ جي بجاءِ ننڍا ننڍا گروهه رکندي پنهنجو پاڻ کي برقرار رکيو ويٺيون آهن. اهو حشر حڪومت کان ٻاهر ڪابي ۽ ساڄي ڌر جي تمام جماعتن جو تقريبن ساڳيو آهي (ڪراچي ۽ حيدرآباد جي اندر پائي لوڪن جي سياست وڏ کان وڏ تعصبي بنيادن کي ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ وڌائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي هو مجموعي طور تي سنڌ جي عوام جي لاءِ يعني سياسي ۽ معاشي بنيادن تي ڪم ڪرڻ جو ڪو به عمل نٿا ڪن) ايتري تائين جو سنڌ جو رولنگ ڪلاس پوتار هاٿي ذات ، برداري ۽ پنهنجي گروهي ۽ بنگلي جي طاقت سان اليڪشن جي حڪمتِ عملي جوڙيندي سياست پيو ڪري. سندس اها پوري پوري ڪوشش آهي ته پولنگ اسٽيشن تي سياسي ڪنٽرول رکڻ جي لاءِ ڪهڙي حڪمتِ عملي اختيار ڪرڻي آهي. پاڻ جڏهن ڪابي ۽ ساڄي ڌر جو اصطلاح استعمال ٿا ڪريون ته عملن قوم پرست پارٽين کي ڪابي ڌر جي ڌارا ۾ شامل ٿا ڪريون. جو ته ڪابي ڌر جي تشريح صرف ۽ صرف سوشلسٽ نظريي سان نٿي ڪري سگهجي مروج سياسي اسٽيٽسڪو جي خلاف يعني عوام جي حقن جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ تقريبن جماعتن کي ڪابي ڌر سڏڻ غلط نه ٿيندو. سنڌ ۾ هن وقت تائين جيڪي به سياسي اتحاد جڙيا آهن انهن کي پاڻ ٻن ڌارائن ۾ ورهائي سگهون ٿا.

پهرين ڌارا سياسي اتحادن جي اها ڌارا آهي جنهن ۾ عوامي ۽ قومي حقن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي يعني اهڙي قسم جا اتحاد سياسي اتحاد هوندا آهن جو ته انهيءَ جو مقصد سياسي حاصلات قومي ۽ عوامي مفادن جي لاءِ هوندي آهي ۽ ٻي ڌارا انهيءَ ڌارا کي سمجهون ٿا جنهن ۾ ڪا به سياسي ايجنڊا شامل ناهي هوندي پر اليڪشن کٽڻ جي لاءِ ڪا جوڙ توڙ ڪرڻ جي حڪمت عملي اختيار ڪئي ويندي آهي گهڻو ڪري اهڙي قسم جا اتحاد سنڌ ۾ راجوڻن اتحادن جي نالي سان مشهور آهن. برادرين ۽ گروهن جا ووٽ هڪ ٻئي کي ڏئي سيٽ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ڪو به قومي نقطو يا عوامي نقطو يعني عوامي مفادن يا قومي مفادن جو تصور ناهي هوندو. سنڌ جي تمام اهڙن راجوڻن اتحادن ۾ ڪٿي به سياسي ايجنڊا نظر نه ايندي. اهڙو عمل جڏهن سياسي پارٽيون اليڪشن کٽڻ جي لاءِ اختيار ڪنديون آهن ته انهن جو مقصد به اهوئي هوندو آهي ته ڪيئن ۽ ڪيتريون سيٽون حاصل ڪري سگهبيون جنهن ۾ به سياسي پارٽي ۽ اليڪٽيبل پرسن جي ڊيل ٿيندي آهي. اهڙن اقتداري حاصلات ڪمن ۽ سيٽن کٽڻ جي لاءِ اتحادن کي پاڻ جڳاڙي اتحادن جي نالي سان سڏينداسين چو ته انهن اتحادن جو ڪو به سياسي مقصد ناهي هوندو تنهن ڪري اهڙا اتحاد گهڻي ڀاڱي پنهنجي اخلاقي قدرن ۾ به آزاد ۽ خودمختيار هوندا آهن. اهڙن جڳاڙي اتحادن جي جوڙجڪ ۽ اهڙو عمل جڏهن ڪي سياسي

جماعتون اليڪشن کٽڻ جي لاءِ ڪنديون آهن ته انهن جي نيت ۽ مقصد ۽ سياسي نظريو ۽ مقصد ناهي ڪجهه نقطن تي اتحاد ڪيو ويندو آهي ۽ انهن نقطن ۾ عوام جي مفادن جو ذڪر وڏي شدمد سان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. پر وقت گذرڻ سان انهن تي عمل ٿيڻ جي بجاءِ عهدن جي رساڪشي پيدا ٿيندي ۽ پوءِ انهن اتحادن ۾ وري اختلاف سامهون ايندو آهي چو ته اهڙن اتحادن جو مقصد سياسي ۽ نظرياتي ناهي هوندو پر صرف ۽ صرف اقتداري گيم جا ڪمزور پاسا مضبوط ڪرڻ هوندو آهي. اقتدار جي انهيءَ گيم سنڌ جي اندر ماضي جا بهترين اتحاد جيڪي سياسي مقصدن جي لاءِ جوڙيا ويا هئا انهن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو. مثال ايس اين اي جيڪو ڪالا باغ ڊيم جي خلاف ۽ سنڌ جي حقن جي لاءِ ٺاهيو ويو هو ۽ ان اتحاد جي ڪاميابي جي لاءِ سائين جي ايم سيد تاريخي آجپائي جي تقرير ڪندي چيو هو ته "مان پنهنجي نقطي نظر يعني آزادي جي نقطي کي پوئتي ٿو ڪيان ته جيئن اسان سنڌ جي حقن جي جدوجهد کي اڳتي وڌائي سگهون "ليڪن 88 جي اليڪشن ۾ بنگلن ۽ پوتارن ايس اين اي جو جيڪو حشر ڪيو اهو تاريخ جو هڪ ڏکوئيندڙ ورق بڻجي ويو. ساڳئي طرح هتي نظام جي خلاف موجوده پير پاڳاري پنهنجي جماعت فنڪشنل ليگ جي پليٽ فارم تان هڪ وسيع تر اتحاد ٺاهڻ ۽ انهن سان گڏوگڏ سنڌ جي حقن جي لاءِ هڪ وڏي جدوجهد جو اعلان ڪيو. حيدرآباد جي تاريخي جلسي برسراقتدار پ پ پ ۽ ٻين قوتن جي دماغ کي ڌوڏي ڇڏيو پير صاحب ته هي اعلان ڪيو هو ته هاڻي گهر ۾ نه ويهبو ۽ ٻيو جلسو سکر ۾ ڪرڻ جو اعلان به ڪيو هو پر پير صاحب بعد ۾ اهڙي سياسي گوشانشيني اختيار ڪئي جو ڪنهن به جلسي ۾ نظر نه آيو پر پوءِ وري اليڪشني حڪمتِ عملي تحت جي ڊي اي جوڙيو ويو. انهيءَ ۾ بظاهر ته سنڌ جي حقن جا اعلان ڪيا ويا ليڪن عملي جدوجهد ڪا به نه رهي. صاف طور تي تاثر هي ڏنو ويو ته اليڪشني جوڙ توڙ کان سواءِ جي ڊي اي جو ڪو به عمل نه هوندو. هاڻي وري جڏهن جي ڊي اي ۾ ايس يو پي پنهنجي ڏهن نقطن کي شامل ڪري اتحاد ڪيو آهي يا جي ڊي اي ۾ شامل ٿي آهي ته هي سمجهڻ انتهائي ڏکيو آهي ته اهو جي ڊي اي جنهن جي قيادت عملي طور تي پير صاحب جي ڪنٽرول ۾ آهي سا سنڌ جي حقن جي لاءِ ڪهڙي جدوجهد ڪندو؟ شايد وقت وري اهوئي ثابت ڪندو ته هي اتحاد به اليڪشن جي سيٽن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٿيو آهي ۽ هن کي به جوڙتوڙ ۽ ان جڳاڙ جي نالي سان سڏيو ويندو. چو ته سنڌ جي آيل آفتي بربادي کان پوءِ جي ڊي اي جيڪڏهن مضبوط جدوجهد جو آغاز ڪري ها عوام جي طاقت کي گڏ ڪري سنڌ جي تعمير لاءِ آواز بلند ڪري ها ته پ پ پ جا پير ڏڏي وڃن ها ۽ سنڌ سياسي سفر ۾ هڪ ٻيو باب رقم ڪري ها. ليڪن ائين نه ٿيو چو ته جي ڊي اي جي ڪيمسٽري ۾ عوام جي سياست ڪرڻ شامل ئي ناهي ۽ پوءِ سمجهه ۾ نٿو اچي ته ايس يو پي ان اتحاد ڪرڻ ۾ ڇا حاصل ڪندي؟ سنڌ جا حق يا جڳاڙ سڳاڙ جون هڪ ٻه سيٽون.

پاهوڄي هيڪار، مون کان پڇيو سڄڻين:
آلسٽ بربڪم، چيائون جنهن وار،
سنڌي سور ڪنار، تن تڏهانڪون نه لهي.

وزيراعظم شهباز شريف ملڪ جي سرڪاري عمارتن کي شمسي توانائي تي منتقل ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

نوشين رضوان

وزيراعظم شهباز شريف ملڪ جي سمورن سرڪاري عمارتن کي شمسي توانائي تي منتقل ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو آهي. جنهن جو مقصد هر مهيني 300 کان 500 ميگاواٽ بجلي بچائڻ ۽ درآمدي بل کي گهٽائڻ آهي جيڪو 27 ارب ڊالرن تائين پهچي ويو آهي. ان اقدام جي شروعات اپريل تائين وفاقي حڪومت پاران منظم ڪيل سرڪاري عمارتن ۽ آفيسن کي شمسي توانائي تي منتقل ڪرڻ سان ٿيندي. اسلام آباد ۾ سولرائيزيشن/سولر انرجي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي وزيراعظم گذريل 30 سالن کان اقتدار ۾ رهندڙ سمورين حڪومتن کي توانائي جي شعبي ۾ وڌندڙ قرضن جو ذميوار قرار ڏنو جيڪو تقريبن 2500 ارب رپين تائين پهچي ويو آهي. توانائي جي بچت واري منصوبي تحت ايندڙ 4 مهينن ۾ وفاقي حڪومت جي وزارتن، کاتن، اٿارٽيز ۽ صوبن ۾ انهن جي ذيلي برانچن جي سمورن عمارتن کي فوري طور تي سولر انرجي تي تبديل ڪيو ويندو.اهو قدم صوبائي حڪومتن لاءِ پڻ هڪ نمونو هوندو. وزيراعظم صوبن جي وڏن وزيرن تي زور ڀريو ته هو صوبن ۾ به سولر سسٽم متعارف ڪرايون ۽ وفاقي حڪومت ان سلسلي ۾ وفاقي حڪومت جي ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو. شهباز شريف چيو ته ملڪ ۾ سولر انرجي مان 10 هزار ميگا واٽ بجلي پيدا ڪرڻ جو عمل شروع ٿي چڪو آهي. وفاقي حڪومت جي عمارتن کي سولر انرجي تي منتقل ڪرڻ اهڙي تبديلي جو پهريون قدم هوندو. شهباز شريف چيو ته جڏهن گئس سستي ملي ٿي ته ان وقت جي حڪومت لاپرواهي ڪئي . جنهن سبب اڄ گئس جو بحران آهي، ملڪ کي توانائي جي بحران مان ڪڍڻ لاءِ پرعزم آهيون. عمران خان جي دهشتگردن جي پاليسي کي ڇڏڻو پوندو. شهباز شريف چيو ته نيب پنجاب ۾ ترقياتي منصوبن لاءِ ٺاهيل 56 ڪمپنين خلاف بي بنياد ڪيس ٺاهيا پر 5 سال گذرڻ باوجود ڪرپشن ثابت نه ٿي سگهي. قوم هن وقت بدترين مهانگائي جو شڪار آهي. ڏکئي وقت کي برداشت ڪرڻ تي عوام جا ٿورائتا آهيون پر حڪومت وٽ آءِ ايم ايف وٽ وڃڻ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو نه هو هن چيو ته پي ٽي آءِ حڪومت آءِ ايم ايف پروگرام کان پوئتي هٽي ملڪ کي معاشي تباهي جي ڪناري تي آڻي ڇڏيو آهي، اهوئي سبب آهي ته آءِ ايم ايف کي آئي ايم ايف تي اعتماد ناهي. ان جا نتيجا هاڻي پوري قوم ڀوڳي رهي آهي. هن وقت عالمي صورتحال سبب گئس دستياب ناهي، عالمي مارڪيٽ ۾ تيل به مهانگي اگهن تي وڪرو ٿي رهيو آهي، جيڪو ملڪ 27 ارب ڊالرن جو تيل ۽ گيس درآمد ڪري ٿو اتي ترقي ڪيئن ٿيندي؟ اسان آءِ ايم ايف معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي. هو اسان تي ڀروسو ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. اسان کي آءِ ايم ايف پروگرام جاري رکڻو آهي، اسان ان کان سواءِ رهي نٿا سگهون. هن چيو ته صنعت ۽ زراعت جي ترقي لاءِ قدم کڻڻا پوندا.سج جي گرمي ۾ پاڻي مان ٻاڦ پيدا ڪرڻ لاءِ جنريٽر هلائڻ ۽ بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿي. انساني زندگيءَ جي حرڪت جو گهڻو دارومدار توانائيءَ تي آهي. اسان کي توانائيءَ سان گڏوگڏ ماحول کي آلودگي کان بچائڻ لاءِ توانائيءَ جا نوان متبادل ڳولڻا پوندا ۽ تڏهن ئي اهو ممڪن آهي. جڏهن اسان تيل، ڪوئلي، ڪاٺ ۽ گوبر کان علاوه سج، هوا، پاڻي ۽ توانائي جا ٻيا قدرتي ذريعا استعمال ڪندا آهيون. ان کان علاوه، شمسي توانائي هڪ ناقابل فراموش وسيلو آهي. قدرتي تيل ۽ انهن مان نهيل شيون اسان جي روزاني زندگيءَ ۾ تمام گهڻي گهربل هونديون آهن. اسڪوٽر، موٽر سائيڪلون، ڪارون، بسون، ٽرينون، جهاز، هوائي جهاز، ملون ۽ ڪارخانا وغيره پيٽرول ۽ ڊيزل تي هلن ٿا.

آتش فشان کان علاوه، گرمي اڪثر ڪري زمين جي مختلف حصن مان نڪرندڙ ٻاڦ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي. 1904 ۾، جيو ٿرمل انرجي کي استعمال ڪرڻ لاءِ هڪڙو منصوبو ٺاهيو ويو. زير زمين ٻاڦ کي پائپ ذريعي ٽربائن تائين پهچايو ويو ۽ بجلي پيدا ڪئي وئي. زمين اندران ڏاڍي گرم آهي ۽ ان مان گرم پاڻي جا جهاز يا خشڪ ٻاڦ وارا جهاز نڪرندا آهن. جيڪڏهن ان گرمي کي توانائي ۾ تبديل ڪيو وڃي ته توانائي جو مسئلو هزارين سالن تائين حل ٿي سگهي ٿو. ڪوئلي مان پيٽرول ٺاهڻ جو عمل ڏکڻ آفريڪا ۾ شروع ٿيو

دنيا ۾ ٻوٽن مان الڪوحل پيدا ڪرڻ جو سڀ کان وڏو ملڪ برازيل آهي ڇاڪاڻ ته اتي ڪمند جي وڏي مقدار پيدا ٿئي ٿي. اڄ جا سائنسدان سج جي روشنيءَ مان توانائي حاصل ڪرڻ لاءِ تجربن ۾ مصروف آهن ۽ ڪافي ڪاميابيون به حاصل ڪيون آهن. ونڊ پاور کي دنيا جي ڪجهه ملڪن پاران اتي جي ملن کي هلائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. ملڪ جي ٻين حصن ۾ سولر فوٽووولٽڪ سينٽر قائم ڪيا ويا آهن جيڪي هڪ ڪلوواٽ کان اڍائي ڪلوواٽ تائين بجلي پيدا ڪن ٿا.*

بقايا 01 *

کي اسلامي دنيا جو رول ماڊل، ترقي يافته ملڪ بڻائڻ جي جدوجهد کي منزل تي پهچائي کي ساهه پٽينداسين. هڪ سوال جي جواب ۾ پرڏيهي وزير چيو ته کي پي ۾ طالبان کي پٽوڙنو پيو وڃي، عمران خان ٽي وي تي بيان ڏنو آهي ته اسان طالبان کي هتي آڻي رهايو دهشتگردن خلاف ويڙهه ڪٽڻ ڪانپوءِ اي پي ايس سانحي ۾ ملوث ماڻهن کي بنا پڇڻ جي آزاد ڪيو ويو. دهشتگردن کي نه مان معاف ڪندس نه قوم معاف ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته شاهه محمود ۽ پرويز خٽڪ جهڙا ماڻهو به استعيفائن جي تصديق لاءِ نه آيا ته ٻيا ڪيئن ايندا. اهڙن ماڻهن جا نالا ٻڌائي سگهان جيڪي اسپيڪر جي پيرن ۾ ڪريا پيا آهن. هن هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ چيو ته ايم ڪيو ايم سان اختلاف آهن ۽ اڳتي هلي وڌي به سگهن ٿا، چاهيون ٿا ته ايم ڪيو ايم سان معاهدي تحت هلون، معاملن تي ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيون. جڏهن ته ان موقعي تي سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، صوبائي وزير سيد ناصر شاهه، شرجيل انعام ميمڻ، پ پ پ ضلعي صدر ايم اين اي رفيق احمد جمالي، قمبر خان لغاري ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 02 *

سان گڏ ملندي رهندي. هن چيو ته زخمي جوانن کي به قوم سلام پيش ڪري ٿي، جوانن جي ان ڪاوش سبب اسلام آباد وڏي نقصان کان محفوظ رهيو، اسلام آباد پوليس پهريان کان بهتر نموني پنهنجي ذميواري ادا ڪري رهي آهي، اسلام آباد پوليس جا سمورا جائز مطالبا پورا ڪيا ويا آهن. قومي سلامتي ڪميٽي جي فيصلي بابت گهرو وزير ٻڌايو ته نيشنل سيڪيورٽي جي اجلاس ۾ دهشتگردن خلاف زيرو ٽاليرنس جو فيصلو ٿيو ڪنهن دهشتگرد جي سٺي خراب جو ڪو فرق ناهي رکيو ويو سلامتي ڪميٽي ۾ آرمي چيف دهشتگردن خلاف زيرول ٽالرنس جو اظهار ڪيو ۽ ڳالهين بدران دهشتگردن خلاف ڪارروائي جي سوچ جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته آرمي چيف سي ٽي ڊي کي بهترين صلاحيتون ڏيڻ جي خاطري ڪرائي آهي، ڪوشش آهي ته بندش پيل ٽي ٽي پي کي ڳالهين جي ميز تي آندو وڃي پر سڀ کان پهريون شرط آهي ته تحريڪ طالبان وارا هٿيار ڦٽا ڪن ۽ ملڪ جي قانون جي اڳ هيٺ اچن.

بقايا 03 *

خوراڪ پهچائڻ سولو ڪم نه هيو پر اڄ صحبتپور جو علائقو ڏسي دل باغ بهار ٿي وئي آهي. هن چيو ته ايڏي وڏي ٻوڏ پنهنجي حياتي ۾ نه ڏٺي هئي، سنڌ جو ميداني ۽ بلوچستان جو جابلو علائقو پاڻي ۾ ٻڏل هو. ڊپ ٿيندو هو ته متاثر جي مدد ڪئين ڪنداسين. شهباز شريف چيو ته جن حالتن ۾ اسان حڪومت سنڀالي هئي، آءِ ايم ايف سان معاهدو ٽٽي چڪو هو ۽ مهانگائي عروج تي هئي پر ان باوجود وفاق ٻوڏ متاثرن لاءِ سئو ارب رپيا خرچ ڪيا ۽ اڃا به ٻوڏ متاثرن لاءِ ڪيئي سئو ارب رپيا گهربل آهن. هن چيو ته نو جنوري تي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنل سان جينيوا جي ڊونرز ڪانفرنس جي سربراهي ڪندس، ان سلسلي دوست ملڪن کي ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني رهيو آهيان. ملائيشيا جي وزيراعظم سان به ڪالهه ڳالهه ٻولهه ٿي هئي. وزيراعظم چيو ته پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پاڪستان کي پيرن تي بيهارڻ لاءِ اسان کي پاڻ کي همت پيدا ڪرڻي پوندي. وزيراعظم بلوچستان ۾ ٻارنهن دانش اسڪول ناهڻ جو اعلان ڪندي چيو ته دانش اسڪول ۾ غريب ۽ يتيم ٻارن لاءِ مفت تعليم ۽ کاڌي پيتي جو انتظام هوندو. بلوچستان جو چيف سيڪريٽري اسڪولن لاءِ زمين جي ڳولا ڪري ۽ فوري طور پيڙهه جو پٿر رکي. هن چيو ته صحبتپور دانش اسڪول ۾ هاسٽل ۽ ٻيون سهولتون مڪمل ٿيڻ تي ٽيويهين مارچ تي افتتاح ڪنداسين، بلوچستان ۾ اعلائيل ٻارنهن اسڪولن سان گڏ ڪلينڪ به هوندا ۽ اسڪولن ۾ شمسي توانائي ذريعي بجلي فراهم ڪئي ويندي.

بقايا 04 *

عمران خان پنهنجي محسن سان به اها ڪار ڪري رهيو آهي جيڪا هن جهانگير ترين سان ڪئي، هن چيو ته عمران خان جهانگير ترين کي بيليسنگ ايڪٽ تحت نااهل ڪرايو. هن پنهنجن محسنن کي ڏنگيو پي ڊي ايم ترجمان چيو ته عمران خان جهڙي آئين ٽوڙيندڙ احسان فراموش قوم جي قيادت جي لائق ناهي. ڏينهن رات رياست مدينا جو پاشڻ ڏيڻ وارو عمران بي حيائي جي تصوير بڻجي چڪو آهي. حافظ حمد الله وڌيڪ چيو ته عمران خان وزيراعظم ته ڇا وزيراعظم هائوس جي اڳيان گذرڻ جي لائق به ناهي رهيو وائيٽ پيپر جاري ڪرڻ سان عمران جي ڪاري ڪردار کي اڃا اجرو نٿو ڪري سگهجي.

بقايا 05 *

آهي. پارٽي پرڏيهي وزير جو تازو بيان پاڪستان کي اڪيلو ڪرڻ ۾ ڀارت جي ناڪامي ۽ وڌندڙ مايوسي جو چٽو عڪس آهي. ترجمان چيو ته پاڪستان ڀارت طرفان مڙهيل بي بنياد الزامن کي رد ڪري ٿو. ڀارت پاڪستان ۾ ٿيندڙ دهشتگرد حملن ۾ ملوث رهيو آهي ۽ هو پاڪستان مخالف بيانبازي سان اها حقيقت لڪائي نٿو سگهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان وڌيڪ چيو ته ٻين تي آڱر کڻڻ بدران ڀارت پاڻ دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ پاڪستان خلاف جاسوسي جو سلسلو بند ڪري.

بقايا 06 *

اقبال منصوبه بندي، ۽ ترقي واري وزارت ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ملازمن کي شيلڊون ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ۾ چيو ته اسان کي توانائي بچت پاليسي تي عمل ڪندي غير ضروري خرچن کي روڪڻو پوندو 2013 ۾ حڪومت سنڀالي ته تمام گهڻن چئلينجن کي منهن ڏنوهو 2013 ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ عروج تي هئي. احسن اقبال چيو ته گذريل حڪومت فنڊز جاري ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو جنهن سبب منصوبا مڪمل نه ٿيا ۽ منصوبن جي لاڳت ۾ اضافو ٿيو ملازمن کي بهتر ڪارڪردگي تي ايوارڊ ڏيڻ جو مقصد انهن جي ڪارڪردگي کي مڃڻ آهي. ڪنهن به ڪامياب نظام کي هلائڻ جي لاءِ سزا ۽ جزا ضروري آهي. بهتر ڪارڪردگي وارن ملازمن جي حوصلا افزائي ضروري آهي. وفاقي وزير چيو ته ملازمن کي بهتر ڪارڪردگي تي ايوارڊ ڏيڻ جو مقصد انهن جي ڪارڪردگي کي مڃڻ آهي. ڪنهن به ڪامياب نظام کي هلائڻ جي لاءِ سزا ۽ جزا ضروري آهي. 18_2017 ۾ سوچيو هو ته ڪهڙو نئون منصوبو شروع ڪيو وڃي. اڄ سوچيون ٿا ته ڪهڙن منصوبن جا فنڊ ڪاٽيون. احسن اقبال چيو ته 4 سالن کان پوءِ اسان کي بحران جو شڪار معيشت ورثي ۾ ملي. 75 سالن ۾ ڪڏهن به ائين ناهي ٿيو ته آخري ڪجهه مهينن ۾ ترقياتي بجيٽ جاري ڪرڻ لاءِ پئسا نه هجن. 2018 جي مقابلي ۾ ترقياتي بجيٽ ڊبل ٿيڻ بجاءِ اڌ رهجي ويو آهي. سيني کي محنت ڪري پاڪستان کي اڳيان ڪڻي وڃڻو آهي. وفاقي وزير چيو ته پاڪستاني قوم ۾ تمام گهڻي صلاحيت آهي، محنت ڪئي وڃي ته پاڪستان کي ٽرن اراؤنڊ ڪري سگهون ٿا. هن وقت ڪوبه دشمن پاڪستان جي ڊيفالٽ ٿيڻ جون ڳالهيون نه پيو ڪري، پر اندر کان اهي ڳالهيون ٿي رهيون آهن. مالي بحران ۾ وسيلن کي ضايع ٿيڻ کان به روڪڻو پوندو. توانائي جي بچت جي حوالي سان بجلي جي غير ضروري استعمال ۽ پيٽرول جي کوٽ تي قابو ڪرڻو پوندو. وفاقي وزير چيو ته سمورن ڪيڊرز جي ٽوٽل 21 آفيسرن کي بهترين ڪارڪردگي تي تعريفي سرٽيفڪيٽن سان نوازيو ويو جنهن ۾ روڪ انعام به شامل آهي. هن ملازمن تي زور ڏنو ته هو پنهنجي ڪارڪردگي ۽ پيداواري صلاحيت ۾ اضافو ڪن ۽ پنهنجي ڪم کي هڪ مشن جي طور تي اڳيان کڻي هلن.

بقايا 07 *

کي آگاهه ڪيو ويندو صوبائي وزير چيو ته ايم ڪيو ايم پنهنجا خدشا سامهون رکيا آهن.سندن خدشن کي ختم ڪيو ويندو. اسان آئين ۽ قانون جي دائري ۽ اليڪشن ڪميشن جي فيصلي ۾ رهندي فيصلو ڪنداسين. شرجيل ميمڻ وڌيڪ چيو ته ڪجهه شيون حڪومت، ڪجهه اليڪشن ڪميشن ۽ ڪجهه شيون عدالت جي هٿ ۾ آهن.

بقايا 08 *

خلاف پنهنجو بجاءَ ڪرڻ پاڪستان جو حق آهي. واشنگٽن ۾ پريس بريفنگ دوران هڪ سوال جي جواب ۾ نيڊ پرائس چيو ته اسان پاڪستان جي قومي سلامتي ڪميٽي جي تازي بيان کان باخبر آهيون. هن چيو ته اسان جائزو وٺي رهيا آهيون ته طالبان جي فيصلن خلاف ڪهڙا قدم کڻي سگهجن ٿا. نيڊ پرائس وڌيڪ چيو ته طالبان پنهنجا ڪيل واعدا پورا ڪن ته جيئن افغانستان جي سرزمين دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿئي.

بقايا 09 *

جاري ڪري ڇڏيا شاگردن درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته تعصب جي بنياد تي آمريڪا ۾ جيل ڪاٽي ايندڙ استاد اسان کي فيل ڪيو آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ شاگردن جي درخواست تي 23جنوري تي يونيورسٽي ۽ ان سان واڳيل ڌرين کان جواب گهري ورتو آهي

بقايا 10 *

۾ تنظيمي معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو ذريعن موجب عمران خان پي ٽي آءِ لاهور جي عهديدارن جي ڪارڪردگي تي مايوسي جو اظهار ڪيو ۽ قيادت کي چند پٽي. ذريعن جو چوڻ آهي ته لبرٽي جلسي ۾ ڪارڪنن ۽ عوام کي متحرڪ نه ڪرڻ ڪاوڙ جو سبب بڻيو اجلاس ۾ آءِ ايس ايف کي آزادانا ڪم ڪرڻ کان روڪڻ جي الزمن تي عمران خان چيو ته اڳتي آءِ ايس ايف پنهنجي مامرن تي تنظيمي قيادت کي جوابدا هوندي. هن چيو ته اليڪشن ڪرايو ملڪ بچايو مهم کي تيز ڪيو ويندو. عوام تائين اميورٽڊ حڪومت جي ڪارڪردگي ۽ رجيم چينيج جي حقيقت واڪي ڪئي وڃي.

بقايا 11 *

نيب ترميمي آرڊيننس ڪانپوءِ ڪيس نيب جي دائري ۾ نه ٿو اچي. ڪيس مان آجو قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي احتساب عدالت جي جج محمد بشير نيب کي 12 جنوري لاءِ نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪري ورتو آهي

بقايا 12 *

ڪيو آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته اين اي 95 ۾ نااهلي ڪانپوءِ پارٽي چيئرمين شپ تان هٽائڻ جي ڪارروائي شروع ڪئي وئي. اليڪشن ڪميشن ميبنا طور غلط بيان جمع ڪرائڻ تي نوٽيس جاري ڪيو درخواست ۾ چاڻايو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي اختيارين جون حدون اورانگهي اليڪشن ٽريبونل جو اختيار استعمال نٿي ڪري سگهي. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته عمران خان کي نااهل چوڻ بنا جواز ۽ غيرقانوني آهي. پي ٽي آءِ سربراهه کي مُلڪ جي سياست کان پري رکڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته آرٽيڪل 62 ون ايف تحت عمران خان کي ڪٿي به ڪوڙو قرار ناهي ڏنو ويو. اليڪشن ڪميشن جو نوٽيس غيرقانوني قرار ڏئي ڪالعدم ڪيو وڃي. درخواست ۾ گذارش ڪئي وئي آهي ته حتمي فيصلي تائين اليڪشن ڪميشن کي عمران خان خلاف ڪارروائي کان روڪيو وڃي ۽ اليڪشن ڪميشن جو نوٽيس پڻ معطل ڪيو وڃي.

بقايا 13 *

صوبن ۽ واپاري تنظيمن کي اعتماد ۾ رکندي. حڪومت نه معاشي استحڪام آڻي سگهي نه ٿي سياسي. نه ئي هاڻ پنهنجي ٽڪن ۾ وڃڻ جي قابل آهي. هن چيو ته غلط فيصلن سان سمورو نقصان ن ليگ ۽ ان جي اتحادين جو ٿيو آهي. اسٽاڪ ايڪسچينج ۽ زرمبادلہ جا ذخيرا اڌ جڏهن ته مهانگائي ٽيڻي ٿي وئي آهي. اسان چونڊن جو پيغام ڏئي ڇڏيو آهي. شيڊول طئي ڪرڻو آهي. قوم چونڊن جون تياريون ڪري. چونڊن سان ئي سياسي ۽ معاشي استحڪام ايندو. شيخ رشيد وڌيڪ چيو ته پرڏيهي وزير ۽ گهرو وزير افغانستان جي معاملي تي سوچي سمجهي بيان ڏين. گهرو وزير ٻوڏ متاثر ٻارن سان تصويرون ڪيرائڻ جي بجاءِ سندن مدد ڪري. اعظم سواتي جي آزادي خوشي جوگو قدم آهي.

بقايا 14 *

ليگ نون کي ڌمڪي ڏيندي چيو ته آهي ته هو انهن پارٽين خلاف سخت ڪارروائي بابت سوچي رهيا آهيون. ٽي ٽي پي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته وڏي عرصي کان تحريڪ طالبان پاڪستان ۾ ڪنهن سياسي پارٽي خلاف ڪارروائي ناهي ڪئي، پر بدقسمتيءَ سان موجودا حڪومتي قيادت تي نه ڄاڻ آمريڪا جو ڪهڙو جادو هلي پيو آهي جو پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ٽي ٽي پي خلاف سرعام جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. بندش پيل تنظيم پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته ٽي ٽي پي اقتدار تي مڙهيل ٽولن خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ تي غور ڪري رهي آهي. ٽي ٽي پي حڪمران اتحاد کي خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن اهي ٻئي پارٽيون پنهنجي موقف تي قائم رهيون ته پوءِ سندن اهم اڳواڻن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. بيان ۾ عوام کي به خبردار ڪيو ويو آهي ته هو اهڙن اڳواڻن جي جلسن، جلوسن يا ويجهو وڃڻ کان پاسو ڪن.

بقايا 15 *

آهي ۽ اهو تاثر ڏنو پيو وڃي ته عدالتون فوج جي اثر هيٺ فيصلا ڪنديون آهن ۽ چيف جسٽس کي ٻڌايو ويندو آهي ته ڪهڙو فيصلو ڪرڻو آهي. ملڪ ۾ ٿيندڙ تباهي جا اثر سامهون اچي رهيا آهن. فواد چوڌري وڌيڪ چيو ته ان سلسلي ۾ سپريم ڪورٽ جو ڪردار جو ڪيل موقف سامهون نه اچڻ معاملن جي سنگيني جو کلي عام اظهار آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته منهنجي راءِ آهي ته چيف جسٽس فوري طور تي اجلاس گهرائي ۽ ان صورتحال تي غور ڪري. اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته اعظم سواتي ڪيس ۾ جج جي فيصلي کان اڳ بدلي ڪئي وئي. هڪ ٽوئيٽ تي ڪيترين ئي ايف آءِ آرز داخل ڪرڻ معمول جي ڳالهه ناهي. فواد چوڌري چيو ته جمهوريت جي بنياد آئين آهي ۽ اهڙي طرح آئين جو ٻي وقت هجڻ تمام وڏو بحران آهي.

بقايا 16 *

آهي. ان کان اڳ رجسٽرار آفيس ڪينيا جي پوسٽ مارٽم رپورٽ جي فوٽو ڪاپي هجڻ تي اعتراض واريو هو. جي آءِ ٽي اڳيرائي رپورٽ ۾ واريل اعتراض ختم ڪري ڇڏيو. اعتراض ختم ٿيڻ تي رجسٽرار آفيس اڳيرائي رپورٽ وصول ڪري ورتي آهي. واضح رهي ته سپريم ڪورٽ ۾ ارشد شريف جي قتل تي ٻانمرادي نوٽيس ڪيس جي ٻڌڻي سيائي ٿيندي. اسلام آباد پوليس طرفان به سپريم ڪورٽ ۾ سيائي ارشد شريف جي قتل جي حوالي سان هيندر تائين ٿيل انڪوائري رپورٽ جمع ڪرائيندي.

بقايا 17 *

جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب ملڪ ۾ في تولو سون 9 سئو رپيا مهانگو ٿيڻ بعد هڪ لک اٺاسي هزار ڇهه سئو رپين جو ٿي ويو آهي. ڏهه گرام سون جي قيمت 772 رپيا واڌ بعد هڪ لک ايڪهٺ هزار ڇهه سئو چوراني رپيا آهي. عالمي منڊي سون 29 ڊالر اضافي سان 1862 ڊالر في اونس جو ٿي ويو آهي.

بقايا 18 *

خريداري جي مد ۾ 31لک 2هزار ۽ ٽرانسپورٽ جي مد ۾ 25لک رپيا خرچ ظاهر ڪيا آهن ڪاليج ايجوڪيشن کاتي ۾ مشينري خريداري جي مد ۾ 25 لک 39هزار ۽ فرنيچر جي خريداري جو جواز ڄاڻائي 16لک 69هزار رپيا خرچ ڪيا ويا نيب پاران بائيوميٽرڪ مشينن جي قيمت ۽ خريداري جي طريقيڪار سميت رسيدون ۽ ٻيا تفصيل طلب ڪيا ويا آهن

بقايا 19 *

آفيس ۾ ضلعي ڊڪڻ ضلعي جي آفيسرن سان ملاقات ڪندي ڪيو اجلاس ۾ ايس ايس پي ڊڪڻ اسد رضا، ڊپٽي ڪمشنر ڊڪڻ سعيد لغاري، ايڊمنسٽريٽر ڊڪڻ افشان رباب، ميونسپل ڪمشنر سائوٿ اختر ۽ ڊائريڪٽر ڪراچي نيبر هوڊ امپرووميٽ پروگرام کي اين آءِ پي نذير ميمڻ پڻ موجود هئا. ڊڪڻ ضلعي جي آفيسرن سنڌ حڪومت جي ترجمان کي پنهنجي لاڳاپيل کاتن بابت آگاهي ڏيندي چيو ته ڊڪڻ ضلعي ۾ ترقياتي منصوبن تي ڪم تيزي سان جاري آهي ۽ شهرين کي خوشگوار ماحول فراهم ڪرڻ اسان جو بنيادي فرض آهي. سنڌ حڪومت جي ترجمان آفيسرن کي هدايتون ڏنيون ته امن امان جي بحالي سان ئي ترقياتي منصوبن جا نتيجا نڪرندا. خاص ڪري اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي سان شهر جي اصل سڃاڻپ سامهون اچڻ ۾ مدد ملندي.

بقايا 20 *

موجب زلزلي جي شدت 4.2 رڪارڊ ڪئي وئي ۽ ان جو مرڪز پاڪستان ۽ ڀارت جو سرحدي علائقو هو زلزلي ۾ ڪنهن به جاني ۽ مالي نقصان جي اڃا تائين ڄاڻ ناهي ملي.

بقايا 21 *

انهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ واٽر بورڊ جي زمينون هر صورت ۾ لينڊ مافيا کان خالي ڪرائڻ لاءِ سمورا اپاءَ ورتا وڃن ڇاڪاڻ ته واٽر بورڊ جي زمين جي هڪ هڪ انچ جي حفاظت ڪرڻ اسان جو فرض آهي ان سان گڏوگڏ واٽر بورڊ ڪالونين ۾ غير قانوني حدخلين ۽ غير قانوني رهائش اختيار ڪندڙ ريٽائرڊ ملازمن خلاف به سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. اهڙيون هدايتون سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران ايم ڊي سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ واٽر بورڊ جي زمينن ۽ ناجائز قبضن بابت اعليٰ سطحي اجلاس دوران آفيسرن کي خطاب ڪندي ڏنيون. ان موقعي تي چيف انجنيئر بلڪ سڪندر زرداري پاران سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد کي بريفنگ ڏيندي چيو ته حب پمپنگ اسٽيشن سميت واٽر بورڊ جي ٻين اهم تنصيبات تي لينڊ مافيا پاران قبضو ڪيو ويو آهي. جنهن جي خلاف فوري طور تي سخت قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. چيف سيڪيورٽي آفيسر واٽر بورڊ نثار احمد مگسي پاران سي اي او واٽر بورڊ کي ٻڌايو ويو ته سنڌ پوليس واٽر بورڊ جي ڪنهن به قسم جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ان ڪري آءِ جي سنڌ پوليس کي هن معاملي کان آگاهه ڪيو وڃي ان کان علاوه قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان به مدد ورتي وڃي ته جيئن قبضا مافيا خلاف ڪامياب آپريشن ڪري سگهجي ۽ واٽر بورڊ جي سمورين اهم تنصيبات، فلٽر پلانٽس، پمپنگ اسٽيشن تي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا وڃن. اعليٰ سطحي اجلاس دوران سي اي او واٽر بورڊ لاڳاپيل اختيارين کي حڪم جاري ڪندي چيو ته واٽر بورڊ جي سمورين زمينن جي فوري طور تي ڊرون سروي ڪئي وڃي. هن سمورن لاڳاپيل سپرنٽينڊنٽ، ايگزيڪيوٽو ۽ ريزيڊنٽ انجنيئرن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته غير قانوني حدخلين سميت واٽر بورڊ جي سرڪاري زمينن تي قبضا ڪندڙن جي نشاندهي ڪئي وڃي تاڪي انهن خلاف قانوني ڪارروائي ٿي سگهي. سي اي او واٽر بورڊ پاران چيف سيڪيورٽي آفيسر واٽر بورڊ کي هدايتون ڏيندي چيو ته پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏجي واٽر بورڊ جي سرڪاري زمينن تي غيرقانوني حدخلين سميت قبضا ڪندڙن خلاف مشترڪ گرينڊ آپريشن ڪري سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ واٽر بورڊ جي زمينون هر صورت ۾ لينڊ مافيا کان خالي ڪرائڻ لاءِ سمورا اپاءَ ورتا وڃن. هن واٽر بورڊ جي قانوني ٽيم کي حڪم جاري ڪندي چيو ته ڪورٽ سڪوري ۾ پيل سمورن ڪيسن جي پيروي ڪئي وڃي ۽ سمورن ڪيسن کي منهن ڏيڻ لاءِ سٺي حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي. هن واٽر بورڊ جي سمورن ڪالوني انچارجز کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته واٽر بورڊ جي سمورين ڪالونين جي فوري طور تي سروي ڪئي وڃي ۽ مون کي تفصيلي رپورٽ پڻ پيش ڪئي وڃي هن جو چوڻ هو ته واٽر بورڊ جي ڪالونين ۾ غير قانوني حدخلين ۽ غير قانوني رهائش اختيار ڪندڙ ريٽائرڊ ملازمن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. سي اي او واٽر بورڊ جو وڌيڪ چيو ته واٽر بورڊ جي زمين جي هڪ هڪ انچ جي حفاظت ڪرڻ اسان جو فرض آهي. اعلي سطحي اجلاس ۾ ڊي ايم ڊي ايڇ آر ڊي ساجد نظام، چيف انجنيئر بلڪ سڪندر زرداري، چيف انجنيئر اي اينڊ ايم واٽر انتخاب احمد راجپوت، چيف انجنيئر اي اينڊ ايم سيوريج منظور ڪتري، چيف سيڪيورٽي آفيسر واٽر بورڊ نثار احمد مگسي سميت سمورا لاڳاپيل سپرنٽينڊنٽ، ايگزيڪيوٽو ۽ ريزيڊنٽ انجنيئرز سميت موجود هئا.

بقايا 22 *

ورڪس اينڊ سروس سڪر جي اڳواڻ گل محمد چوهاڻ، ايس ڊي او شجاع قل، ايس ڊي او منير احمد چاچڙ، سب انجنيئر دوست محمد قاضي، مير غلام رضا ٽالپر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي مذڪوره اڳواڻ جو چوڻ هو ته سکر انجنيئر سجاد ابڙو جو ٻاٽر ليڪدار منير چانڊيو طرفان سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ۽ اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي انصاف ايجوڪيشن ورڪس جي ملازمن کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيون ٿا.

بقايا 23 *

نيشنل فوڊ سيڪيورٽي واري وزير طارق بشير چيما چيو ته اٽي ۽ ڪڻڪ جي قيمتن جو تعين صوبائي حڪومتون ڪنديون آهن، صوبن ۾ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ حڪومت جي ذميواري آهي. فلور ملز هتراڊو طور قيمتون وڌائي رهيون طارق بشير چيما چيو ته سنڌ حڪومت ڪڻڪ جو امدادي اگهه 4 هزار مقرر ڪيو آهي، امدادي قيمت مقرر ڪرڻ کان اڳ هاري جي قيمت کي ڏنو وڃي، 4 هزار سپورٽ پرائيس تي مزدور اٽو ڪيئن خريد ڪري سگهندو؟ هن چيو ته گذريل سال هڪ لک ٽن ڪڻڪ ايڪسپورٽ ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي پر هڪ ڪلو ڪڻڪ اڃا تائين ايڪسپورٽ ناهي ڪئي وئي، عالمي مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ سستي ٿي وئي آهي هن چيو ته 18هين ترميم ڪانپوءِ مهانگائي اسان جو مسئلو ناهي، مهانگائي ڪنٽرول ڪرڻ صوبائي حڪومتن جو مسئلو آهي طارق بشير چيما چيو ته ڪڻڪ جي اسٽريٽجڪ ذخيرن کي هٿ نه ٿو لڳائي سگهجي، هو روزاني جي بنياد تي فوڊ سيڪيورٽي جي ذخيرن کي ڏسي رهيا آهن هن چيو ته فارمز ۾ جيڪي فيڊ ڪڪڙ کي ڏني وڃي ٿي اُها خطرناڪ ۽ زهر آهي، ان ڪري مان عوام کي اپيل ڪندس ته فارمي ڪڪڙ کائڻ کان پاسو ڪن

بقايا 24 *

وفد جو اداري نور حق پهچڻ تي پرجوش استقبال ڪيو ويو ملاقات ۾ ٻنهي پارٽين وچ ۾ ڪراچي جي صورتحال ۽ مڪاني چونڊن بابت ڳالهيون ڪيون ويون. ان موقعي تي ايم ڪيو ايم طرفان جماعت اسلامي کي 9 جنوري تي ٿيندڙ احتجاجي ريلي ۾ به شرڪت جي دعوت ڏني وئي، ڪراچي ۾ مڪاني چونڊن تي تفصيلي ڳالهين کان پوءِ صحافين سان ڳالهيون ڪندي خالد مقبول صديقي چيو ته جماعت اسلامي جو ٿورائتو آهيان انهن اسان کي ملاقات جو موقعو ڏنو ٻنهي پارٽيون بنيادي جمهوريت جي مضبوطي تي يقين رکن ٿيون، هن چيو ته اليڪشن ڪميشن ۽ عدالتن جي حڪم تي اڳ به مڪاني چونڊون ملتوي ٿيون، هاڻ به ٿينديون. خالد مقبول صديقي چيو ته پيون چونڊون ٿين يا نه ٿين پر مڪاني چونڊون ٿيڻ گهرجن ۽ انهن جو شفاف ٿيڻ ضروري آهي. خالد مقبول صديقي چيو ته عدالتن ۽ ايوانن ۾ ، ان تي ڳالهيون ڪيون، عوامي راءِ هموار ڪرڻ جي لاءِ قانوني، آئيني حق استعمال ۽ احتجاج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جماعت اسلامي به اهڙين حالتن جي متاثر آهي. اسان سڀ ڪيترن ئي نڪتن تي اتفاق ڪريون ٿا پر شايد اسان جي ترجيحات ڌار آهن. جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته 6 سالن کان مڪاني چونڊون ناهن ٿيون. پيپلز پارٽي 2013 تائين حڪومت ۾ رهي. 2015 تائين ايم ڪيو ايم ان جي اتحادي رهي. عدالت سان رابطي کان پوءِ چونڊون ٿيون. حافظ نعيم چيو ته الميو اهو آهي ته هڪ شيءِ کي صحيح ڪريو ته ٻئي خراب ٿي ويندي آهي. اسان جي خواهش آهي ته ملڪ ۾ چونڊون ٿين. آمرن جي دور ۾ مڪاني چونڊون ٿي وينديون آهن پر وڏي پارٽي نٿي چاهي ته مڪاني چونڊون ٿين. جماعت اسلامي اڳواڻ چيو ته مڪاني چونڊون ملتوي ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ صحيح عمل ناهي. ان کي التوا ۾ نه وجهڻ گهرجي. سازش ٿي رهي آهي ته چونڊون وڌيڪ ڇهن سالن جي لاءِ اڳيان وڌايون وڃن. هن چيو ته سيائي وزيراعليٰ هائوس آڏو احتجاج ڪنداسين ته مڪاني چونڊون مقرر وقت تي ڪرايون. هڪ سوال جي جواب ۾ خالد مقبول صديقي چيو ته پيپلز پارٽي سان ڳالهيون جاري آهن. حڪومت جي ڪجهه دورن دوران ايم ڪيو ايم حڪومت ۾ نه هئي اسان جي ڪوشش سان پاڪستان ۾ وقت کان اڳ آدمشماري ٿي رهي آهي. فاروق ستار ۽ آفاق احمد سان ملاقات بابت سوال جي جواب ۾ خالد مقبول چيو ته سيني سان ملاقات ڪنداسين سيني جي لاءِ دروازا کليل آهن. پنج سالن کان اها آڇ ڪري رهيا آهيون. فيصلو ٻين کي ڪرڻو آهي. هن چيو ته ايم ڪيو ايم پي ڊي ايم جو حصو ناهي.

بقايا 25 *

جنوري تي عدالت ۾ شاهدين به رڪارڊ ڪيون وينديون. عدالت ڪيس شيڊول ڪري ڇڏيو آهي. اميد آهي ته فيبروري ۾ ٽيٽي قتل ڪيس جو فيصلو اچي ويندو ام رباب چانڊيو جو چوڻ هو ته عدالتن مان انصاف جي اميد آهي. سردارن مان حياتي کي خطرو آهي. لڳاتار سان ڪيس جي پيروي ڪري رهي آهيان. سرداري نظام ته ڪپي هن چيو ته مان واضح ڪندي هلان ته هي جيڪي پوليس کاتي جا ڪجهه آفيسرز جيڪي پوليس ۾ ڪارو ڏبو آهن. واقعو ٿيو آهي 17 جنوري تي، هي 16 هين جنوري کان مسلسل جوابدارن سان رابطي ۾ رهيو آهي هن چيو ته 19 جنوري تي هن پنهنجي پرسنل گاڏي استعمال ڪئي آهي. هي مسلسل انهن سان رابطي ۾ ته رهيو پنهنجي پرسنل گاڏي استعمال ڪري هنن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪندو رهيو ٻئي پاسي ميهڙ ٽيٽي ڪيس ۾ الزام هيٺ آيل اڳوڻي ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو چيو آهي ته اسان مٿان بي بنياد الزام هنيا ويا آهن. واقعي واري ڏينهن مان لاڙڪاڻي جي عدالت ۾ ٻٽي قتل جي سلسلي ۾ ثبوت ڏيڻ ويو هيس دادو ۾ عدالت پاران ڳالهائيندي هن چيو ته ٻنهي ڌرين جا مون سان رابطا هوندا هئا. ٻئي ڌريون برادري جي فيصلي جي سلسلي ۽ ماڻهن کي ڇڏرائيندڙيون هيون ۽ ٻڌرائينديون هيون. ٻنهي ڌرين جو سالن کان جهيڙو هلندڙ آهي هي چوڙون پيرو وڙهيا هئا. مون تي الزام هنيا ويا آهن. مان جوابدار سڪندر کي سرينڊر ڪرايو هو. جوابدارن جي گرفتاري جي سلسلي ۾ مان رابطن ۾ هوندو هيس. قتل بابت ڳالهيون ڪوڙيون آهن

بقايا 26 *

حل ڪري سگهي ٿي هوڏانهن ايم ڪيو ايم 9 جنوري تي ڪراچي ۾ ريلي ڪڍڻ جي لاءِ متحرڪ ٿي وئي آهي. ايم ڪيو ايم تڪ بندين ۽ چونڊن لسٽن خلاف احتجاج ڪندي. ايم ڪيو ايم اڳواڻ اڄ جماعت اسلامي کي دعوت ڏيڻ لاءِ نور حق اداري ويندا. ايم ڪيو ايم قيادت اڄ فاروق ستار سان به ملاقات ڪندي. متحده جو وفد (ن) ليگ ۽ اي اين پي اڳواڻن سان به ملاقات ڪندو. سمورين سياسي پارٽين کي سنڌ حڪومت خلاف ڪڍيل ريلي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني ويندي.

بقايا 27 *

ڪيو آهي ته مان ڇوڪري کي ڏکوڏئي گيلري رستي ٻئي ڪمري ۾ وڃي پاڻ بچايو. اٿجاڻل ڇوڪري مون کي قتل ڪرڻ جون به ڌمڪيون ڏنيون.

بقايا 28 *

0.43 سيڪڙو آهي. انگن اکرن موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪرونا وگهي به ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته 14 مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي.

بقايا 29 *

انهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ واٽر بورڊ جي زمينون هر صورت ۾ لينڊ مافيا کان خالي ڪرائڻ لاءِ سمورا اپاءَ ورتا وڃن ڇاڪاڻ ته واٽر بورڊ جي زمين جي هڪ هڪ انچ جي حفاظت ڪرڻ اسان جو فرض آهي ان سان گڏوگڏ واٽر بورڊ ڪالونين ۾ غير قانوني حدخلين ۽ غير قانوني رهائش اختيار ڪندڙ ريٽائرڊ ملازمن خلاف به سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. اهڙيون هدايتون سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران ايم ڊي سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ واٽر بورڊ جي زمينن ۽ ناجائز قبضن بابت اعليٰ سطحي اجلاس دوران آفيسرن کي خطاب ڪندي ڏنيون. ان موقعي تي چيف انجنيئر بلڪ سڪندر زرداري پاران سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد کي بريفنگ ڏيندي چيو ته حب پمپنگ اسٽيشن سميت واٽر بورڊ جي ٻين اهم تنصيبات تي لينڊ مافيا پاران قبضو ڪيو ويو آهي. جنهن جي خلاف فوري طور تي سخت قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. چيف سيڪيورٽي آفيسر واٽر بورڊ نثار احمد مگسي پاران سي اي او واٽر بورڊ کي ٻڌايو ويو ته سنڌ پوليس واٽر بورڊ جي ڪنهن به قسم جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ان ڪري آءِ جي سنڌ پوليس کي هن معاملي کان آگاهه ڪيو وڃي ان کان علاوه قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان به مدد ورتي وڃي ته جيئن قبضا مافيا خلاف ڪامياب آپريشن ڪري سگهجي ۽ واٽر بورڊ جي سمورين اهم تنصيبات، فلٽر پلانٽس، پمپنگ اسٽيشن تي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا وڃن. اعليٰ سطحي اجلاس دوران سي اي او واٽر بورڊ لاڳاپيل اختيارين کي حڪم جاري ڪندي چيو ته واٽر بورڊ جي سمورين زمينن جي فوري طور تي ڊرون سروي ڪئي وڃي. هن سمورن لاڳاپيل سپرنٽينڊنٽ، ايگزيڪيوٽو ۽ ريزيڊنٽ انجنيئرن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته غير قانوني حدخلين سميت واٽر بورڊ جي سرڪاري زمينن تي قبضا ڪندڙن جي نشاندهي ڪئي وڃي تاڪي انهن خلاف قانوني ڪارروائي ٿي سگهي. سي اي او واٽر بورڊ پاران چيف سيڪيورٽي آفيسر واٽر بورڊ کي هدايتون ڏيندي چيو ته پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏجي واٽر بورڊ جي سرڪاري زمينن تي غيرقانوني حدخلين سميت قبضا ڪندڙن خلاف مشترڪ گرينڊ آپريشن ڪري سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ واٽر بورڊ جي زمينون هر صورت ۾ لينڊ مافيا کان خالي ڪرائڻ لاءِ سمورا اپاءَ ورتا وڃن. هن واٽر بورڊ جي قانوني ٽيم کي حڪم جاري ڪندي چيو ته ڪورٽ سڪوري ۾ پيل سمورن ڪيسن جي پيروي ڪئي وڃي ۽ سمورن ڪيسن کي منهن ڏيڻ لاءِ سٺي حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي. هن واٽر بورڊ جي سمورن ڪالوني انچارجز کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته واٽر بورڊ جي سمورين ڪالونين جي فوري طور تي سروي ڪئي وڃي ۽ مون کي تفصيلي رپورٽ پڻ پيش ڪئي وڃي هن جو چوڻ هو ته واٽر بورڊ جي ڪالونين ۾ غير قانوني حدخلين ۽ غير قانوني رهائش اختيار ڪندڙ ريٽائرڊ ملازمن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. سي اي او واٽر بورڊ جو وڌيڪ چيو ته واٽر بورڊ جي زمين جي هڪ هڪ انچ جي حفاظت ڪرڻ اسان جو فرض آهي. اعلي سطحي اجلاس ۾ ڊي ايم ڊي ايڇ آر ڊي ساجد نظام، چيف انجنيئر بلڪ سڪندر زرداري، چيف انجنيئر اي اينڊ ايم واٽر انتخاب احمد راجپوت، چيف انجنيئر اي اينڊ ايم سيوريج منظور ڪتري، چيف سيڪيورٽي آفيسر واٽر بورڊ نثار احمد مگسي سميت سمورا لاڳاپيل سپرنٽينڊنٽ، ايگزيڪيوٽو ۽ ريزيڊنٽ انجنيئرز سميت موجود هئا.

بقايا 30 *

اقبال منصوبه بندي، ۽ ترقي واري وزارت ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ملازمن کي شيلڊون ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ۾ چيو ته اسان کي توانائي بچت پاليسي تي عمل ڪندي غير ضروري خرچن کي روڪڻو پوندو 2013 ۾ حڪومت سنڀالي ته تمام گهڻن چئلينجن کي منهن ڏنوهو 2013 ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ عروج تي هئي. احسن اقبال چيو ته گذريل حڪومت فنڊز جاري ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو جنهن سبب منصوبا مڪمل نه ٿيا ۽ منصوبن جي لاڳت ۾ اضافو ٿيو ملازمن کي بهتر ڪارڪردگي تي ايوارڊ ڏيڻ جو مقصد انهن جي ڪارڪردگي کي مڃڻ آهي. ڪنهن به ڪامياب نظام کي هلائڻ جي لاءِ سزا ۽ جزا ضروري آهي. بهتر ڪارڪردگي وارن ملازمن جي حوصلا افزائي ضروري آهي. وفاقي وزير چيو ته ملازمن کي بهتر ڪارڪردگي تي ايوارڊ ڏيڻ جو مقصد انهن جي ڪارڪردگي کي مڃڻ آهي. ڪنهن به ڪامياب نظام کي هلائڻ جي لاءِ سزا ۽ جزا ضروري آهي. 18_2017 ۾ سوچيو هو ته ڪهڙو نئون منصوبو شروع ڪيو وڃي. اڄ سوچيون ٿا ته ڪهڙن منصوبن جا فنڊ ڪاٽيون. احسن اقبال چيو ته 4 سالن کان پوءِ اسان کي بحران جو شڪار معيشت ورثي ۾ ملي. 75 سالن ۾ ڪڏهن به ائين ناهي ٿيو ته آخري ڪجهه مهينن ۾ ترقياتي بجيٽ جاري ڪرڻ لاءِ پئسا نه هجن. 2018 جي مقابلي ۾ ترقياتي بجيٽ ڊبل ٿيڻ بجاءِ اڌ رهجي ويو آهي. سيني کي محنت ڪري پاڪستان کي اڳيان ڪڻي وڃڻو آهي. وفاقي وزير چيو ته پاڪستاني قوم ۾ تمام گهڻي صلاحيت آهي، محنت ڪئي وڃي ته پاڪستان کي ٽرن اراؤنڊ ڪري سگهون ٿا. هن وقت ڪوبه دشمن پاڪستان جي ڊيفالٽ ٿيڻ جون ڳالهيون نه پيو ڪري، پر اندر کان اهي ڳالهيون ٿي رهيون آهن. مالي بحران ۾ وسيلن کي ضايع ٿيڻ کان به روڪڻو پوندو. توانائي جي بچت جي حوالي سان بجلي جي غير ضروري استعمال ۽ پيٽرول جي کوٽ تي قابو ڪرڻو پوندو. وفاقي وزير چيو ته سمورن ڪيڊرز جي ٽوٽل 21 آفيسرن کي بهترين ڪارڪردگي تي تعريفي سرٽيفڪيٽن سان نوازيو ويو جنهن ۾ روڪ انعام به شامل آهي. هن ملازمن تي زور ڏنو ته هو پنهنجي ڪارڪردگي ۽ پيداواري صلاحيت ۾ اضافو ڪن ۽ پنهنجي ڪم کي هڪ مشن جي طور تي اڳيان کڻي هلن.

بقايا 31 *

سان گڏ ملندي رهندي. هن چيو ته زخمي جوانن کي به قوم سلام پيش ڪري ٿي، جوانن جي ان ڪاوش سبب اسلام آباد وڏي نقصان کان محفوظ رهيو، اسلام آباد پوليس پهريان کان بهتر نموني پنهنجي ذميواري ادا ڪري رهي آهي، اسلام آباد پوليس جا سمورا جائز مطالبا پورا ڪيا ويا آهن. قومي سلامتي ڪميٽي جي فيصلي بابت گهرو وزير ٻڌايو ته نيشنل سيڪيورٽي جي اجلاس ۾ دهشتگردن خلاف زيرو ٽاليرنس جو فيصلو ٿيو ڪنهن دهشتگرد جي سٺي خراب جو ڪو فرق ناهي رکيو ويو سلامتي ڪميٽي ۾ آرمي چيف دهشتگردن خلاف زيرول ٽالرنس جو اظهار ڪيو ۽ ڳالهين بدران دهشتگردن خلاف ڪارروائي جي سوچ جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته آرمي چيف سي ٽي ڊي کي بهترين صلاحيتون ڏيڻ جي خاطري ڪرائي آهي، ڪوشش آهي ته بندش پيل ٽي ٽي پي کي ڳالهين جي ميز تي آندو وڃي پر سڀ کان پهريون شرط آهي ته تحريڪ طالبان وارا هٿيار ڦٽا ڪن ۽ ملڪ جي قانون جي اڳ هيٺ اچن.

بقايا 32 *

نيب ترميمي آرڊيننس ڪانپوءِ ڪيس نيب جي دائري ۾ نه ٿو اچي. ڪيس مان آجو قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي احتساب عدالت جي جج محمد بشير نيب کي 12 جنوري لاءِ نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪري ورتو آهي

بقايا سنڌيار 01

سنڌ حڪومت خلاف زوردار نعريبازي ڪيئي وئي - ريلي شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي پريس ڪلب تي پهتي جتي ريلي جي اڳواڻي ڪندڙن ايس ٽي پي جي عبدالحميد پنهور - ڊاڪٽر دايود عمراڻي نجم الدين ڪوسو آزاد سوشل فورم نيو جتوئي جي ڊاڪٽرعمران ڪوسو جسقم جي امجد ڪوسو ۽ سنڌي ادبي سنگت جي حسين همدم لاشاري ۽ ٻين جوچوڻ هو سنڌ ۾ روزانو جي بنياد تي اٽي جا گهه وڌي رهيا آهن افسوس جهڙي آهي هتي هر شي جا اگهه پاٽمرادو وڌايا وڃن ٿا ڪير پڇڻ وارو ناهي هر روز نوان ۽ من پسند اگهه ورتا وڃن ٿا مزدور طبقو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهي چوته هاڻي اٽو اٽلپ ٿي ويو آهي اٽي جا ريٽ ايترا ته وڌي ويا آهن جو غريب ماڻهو هڪ ويلي جي ماني جي لاءِ پريشان آهن اسان اهو ٿا سمجهون ته سنڌ حڪومت ۽ خوراڪ کاتي ۾ سرگرم مافيا سنڌ ۾ اٽي جي بحران ۽ تيزي سان وڌندڙ اگهن جي ذميوار آهي. ان لاءِ اسان سپريم ڪورٽ کي اپيل ٿا ڪيون ته پاٽمرادو نوٽيس وٺي اٽي کي سستو ڪيو وڃي ۽ غريب ماڻهن کي خودڪشي ڪرڻ کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 02

مظهر تنيو حاڪم سيال. انصاراحمد لنڊ. امير طارق حسين ڪبر سميت سياسي . سماجي ۽ مقامي ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي جنازه نماز حضرت علامه مولانا تاج محمد ڪبر پڙهائي جڏهن ته مڙه کي آخري رسمن بعد آبائي قبرستان نوت شهيد ۾ متي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس پوئرن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي.

بقايا سنڌيار 03

امتيازمنگي. صداقت ۽ ٻين منهنجو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي منهنجي مڙس جي ملڪيت تي زبردستي قبضو ڪري رهيا آهن هن وڏيڪ چيو ته ڏيرمنهنجي مٿان ڪورٽ ۾ به ڪيس داخل ڪيو جنهن ۾ ڪٽيو آهي هن وقت ٻيهر منهنجي ۽ مختيار ڪار خلاف ڪيس اينٽي ڪرپشن ۾ ڪيس داخل ڪرايو آهي هن چيو ته مان اڪيلي رهندي آهيان منهنجو ڏيرمونکي بار بار ڌمڪيون ڏيندو رهي ٿو مونکي ۽ منهنجي پٽ علي عباس کي ڪجھ به ٿيو ته ان جو ذميوار منهنجو ڏير ۽ سندس جا وارث هوندا هن ايس ايس پي خيرپور کان گهر ڪئي ته معاملي جي انڪوائري ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 04

آهي ۽ ٽرڪ کي به پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي . هوڏانهن اطلاع ملڻ تي پ پ سٽي نئون ديرو جو جنرل سيڪريٽري پائو محمد انور ٻرڙو انفارميشن سيڪريٽري پائو سرفراز علي ميراڻي، ڪائونسلر ڪاشان قاضي ۽ ٻيا پ پ پ جا ڪارڪن اسپتال پهچي ويا. آخري اطلاع تائين نوجوان 13 سالن جي فوت ٿيل نينگر ظهيرچنوجي مالڪن پاران ٽرڪ ڊرائيور کي خون معاف ڪري ڇڏيو.

بقايا سنڌيار 05

سزا ٻڌائي ڇڏي جڏهن ته ڇٹن جوابدارن علي نواز، اڪبر، بخشل ۽ فريد ڪلهوڙو کي شڪ جو فائدو ڏيندي باعزت بري ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڪيس جي فريادڻ مقتول جي گهر واري خانزادي ڪلهوڙو طرفان پرياسٽي ٿاڻي تي گناھ نمبر 26 / 2019 قلم 302 تحت داخل ڪرايل هو ياد رهي ته ڇاٽايل جوابدارن پرياسٽي پرسان ڳوٺ زونڪي ڪلهوڙو ۾ 2019 ۾ ڳوٺاڻي حبيب الله ڪلهوڙو کي قتل ڪيو هو جنهن جو ڪيس ڪورٽ سکوري ۾ هلندڙ هو

بقايا سنڌيار 06

ڇت جي پرائي لاءِ لوھ جي استعمال بابت پهچي جائزو وٺڻ تي ڪمي پيشيون سامهون آيون ڳسٽا ضلعي نٿي جي اڳواڻ علاوالدين بروهي نيشنل پريس ڪلب نٿو جي صدر سينيئر صحافي محبوب بروهي ٻين ڳوٺاڻن ۽ استادن سان ڳڏجي جائزو وٺي بروقت ايجوڪيشن ورڪس کاتي جي اختيارين کي اطلاع ڪيو جن پهچي ڪم ڪندڙ مسترين ۽ ٺيڪيدار کي سخت هدايتون جاري ڪيون ۽ ٽينڊر ۽ اسٽيمٽ مطابق ڪم ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي. ان موقعي تي عملدارن تي واضع ڪيو ويوته هي تعليمي ادارا اسان جا پنهنجا آهن انهن جي مالڪي ڪندي مرمتي ڪم ۾ ڪابه ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. ان موقعي تي نشاندهي ڪرڻ تي ايجوڪيشن ورڪس کاتي جي انتظاميه فوري

طور تي هاءِ اسڪول فقير جو ڳوٺ جي مڪمل طور ڊيميج ٿيل پهرين مرحلي ۾ ٽن ڪلاس رومز کي ٻڻ نئين سرفوري تعمير ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي ۽ اينڊ ٽينڊر ۾ اها اسڪيم شامل ڪرائي ڇڏي. ان موقعي تي هاءِ اسڪول فقير جو ڳوٺ جو سينيئر استاد ذوالفقار هيلايو، غلام علي هالو، محمد بروهي ۽ ٻين استادن سميت علائقي جو رهواسي شاهي مگسي ۽ امداد بروهي پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 07

فصل لاءِ پاڻي جي ڪوٽ خلاف ايس يو پي آفيس ڪان تعلقه پريس وارھ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي سنڌ يونائيٽيڊ اسٽوڊنٽس فيڊريشن مرڪزي اڳواڻ جلال شاھ بخاري وقار رضا چوليائي ۽ ٻين چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي خراب ۽ نااهل حڪمراني سبب چار مهينا اول هترادو ٻوڏ ۾ وارھ تعلقي کي هٽ وٺي ٻوڙيو ويو ۽ هاڻي ڪٽڪن جا فصل سڪڻ لڳا آهن. هن چيو ته هڪ طرف بلاول ڀٽو زرداري دادو ۾ سيلفي ڪڍي ڇٽي ٿو ته ٻوڏ جو پاڻي اجا بيٺل آهي ۽ ٻئي طرف وارھ جي نصير شاخ ۾ ڪٽڪ جي فصل ڪرڻ لاءِ پاڻي ڪونهي.

بقايا سنڌيار 08

ٽنڊوباگو جي مختلف وارڊن ۽ ڊرينج اسٽيشن جو دورو ڪري شهرين کي صفائي، واٽر سپلائي جي پاڻي جي رسد کي يقيني بنائڻ لاءِ عملي کي هدايتون ڏيندي چيو ته ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جي عملي پاران شهرين کي صحيح نموني سهولتون فراهم نه ڪرڻ تي مٿن قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي. ان موقعي تي همايون خان جوکيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٽي سال اڳ واٽر سپلائي ۽ ڊرينج سسٽم پبلڪ هيلٿ کاتي حوالي ٿيل هو پر پبلڪ هيلٿ کاتي سڄي شهر جي واٽر سپلائي واري سسٽم ۽ ڊرينج سسٽم جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو هو هن وقت ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو مالي گهوٽالي جو شڪار آهي ان وقت پبلڪ هيلٿ کاتي واٽر سپلائي ۽ ڊرينج سسٽم ٽائون ڪميٽي جي ڪنڊ ۾ هٽي ڇڏيو آهي. هن چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته شهر ۾ صفائي جو نظام بهتر هجي ۽ هر پاڙي جي آخري گهر تائين واٽر سپلائي جو پاڻي بنا رنڊڪ جي پهچي. هن چيو ته ڪنهن به گوسڙو ۽ ڪم چور ملازم کي بخش نه ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 09

1982 کان صحافت ۽ پريس ڪلب جو بنياد رکندڙ نانا احمد ڪتي هن وقت به پريس ڪلب پنگريو جو سرپرست اعليٰ هو ۽ پنهنجون صحافتي خدمتون ادا ڪري رهيو هو ڪجھ عرصو اڳ پريس ڪلب ۾ يي وينو هو ته ڪيس دل جو دورو پيو ۽ ڪيس ٽنڊو محمد خان نيو ويو جتان چاڪ ٿيڻ بعد سندس طبيعت ٻيهر خراب ٿي ۽ اڄ هو اسان ڪان هميش لاءِ وڇڙي ويو نانا احمد ڪتي صحافت کان هٽي ڪري 15 سال واپاري ايسوسيئيشن جو صدر - 5 سال نائب ناظم - 10 سال عشر زڪوات جو چيئرمين. انساني حقن جي تنظيم جي مختلف منصبن تي پڻ رهيو ان ڪان سواءِ هڪ وڏو سماج سڌارڪ حر جماعت جي معزز شخصيت . ايم ايس ايف جي اهم عهدن. فنڪشنل ليگ جي اهم عهدن تي پڻ رهيو ۽ ان سان گهڻ رخي شخصيت هو سندس جنازي نماز ۾ شهرن سياسي. سماجي شخصيتن. صحافن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ پوئرن سان عذرخواهي جو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 10

ايس ايڇ او ناروشاه محمد حنيف مهر ٻڌايو ته ڏيڊ مهينو اڳ ڳوٺ مٺو سيال مان 10 کان متي هٿياربند ناري رضوانا کي اغوا ڪري ويا هئا جنهنجي بازيابي لاءِ مختلف هنڌن تي چڙهايون پڻ ڪيو جڏهن ته اڄ جوابدار ناري رضوانه سيال کي ڪنڊيارو لنڪ روڊ تان ٻئي هنڌ منتقل ڪري رهيا هئا ته ڳجهي اطلاع تي ڇاپو هڻي ناري کي بازياب ڪرائي ورتو آهي جنهنکي سپاٽي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو ۽ 15 کان متي جوابدارن خلاف ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي جنکي به جلد گرفتار ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 11

۽ ضلع ۽ تعلقه آفيسر پرائمري ۽ سنڌسآفيس سپرنٽينڊنٽ پاران نون پرتي ٿيل استادن ڪان من پسند اسڪولن تي مقرري عيوض هڪ ڪان ٻه لک روپين رشوت وٺڻ سبب اسڪولن ۾ استادن جي ڪوٽ ختم نه ٿي سگهي جنهن سبب ٻهراڙين ۾ بند پيل اسڪول ڪلي نه سگهيا آهن ان ڏس ۾ تعليم کاتي جي ذريعن ڪان معلوم ٿيو آهي ته

مڊل اسڪول حاجي قاسم ابڙو ۾ 22 استاد مقرر ڪيا ويا آهن پر اسڪول ۾ شاگردن جي انرولمنٽ موجب 3 استادن جي ضرورت آهي جڏهن ته مڊل اسڪول احمد نوح سومرو ۾ 24 استاد مقرر آهن جتي به صرف 2 استادن جي ضرورت آهي مڊل اسڪول بيراج ڪالوني بدين جنهن ۾ 6 کان 8 ڪلاس تائين تعليم ڏني وڃي ٿي پنجاھ بار آهن اتي 13 استاد اڳ ۾ مقرر ڪيل آهن تازو پيسن عيوض وڌيڪ چار پي ايس ٽي مقرر ڪيا ويا آهن جڏهن ته مڊل اسڪول ۾ پرائمري ٽيچر جو ڪو به ڪم ڪونهي ٻئي طرف ذريعن کان اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته هاءِ اسڪول ون بدين جي ڪيمپس اسڪول طور هلندڙ چاوڙا مدرسي ۾ پرائمري اسڪول ۾ 50 ٻارن تي 13 استاد مقرر ڪيا ويا ۽ تازو تازو هڪ جي اي ايس ٽي کي پيسن جي عيوض ان اسڪول تي مقرر ڪيو ويو آهي ذريعن موجب تلهار ٽنڊوباگو گولاڙچي ۽ ماتلي تعلقن ۾ به اسڪولن ۾ شاگردن جي گهٽ حاضري وارن انهن اسڪولن جتي استادن جون خالي سيٽون به نه هئڻ باوجود انهن اسڪولن تي ڳرين رشوتن عيوض اضافي استادن جو مقررريون ڪيون ويون آهن جڏهن ته ڊي او ايليمنٽري سيڪنڊري هاير سيڪنڊري جي ڪرپشن سبب وڏي انرولمنٽ رکندڙ ڪيترائي هاءِ اسڪول مڊل اسڪول ۽ ڪيمپس اسڪولن ۾ استادن جي ڪوٽ کي ختم ڪرڻ بجاءِ رشوت عيوض من پسند اسڪولن ۾ مقررين سبب هلندڙ اسڪولن ۾ تدرسي عمل تباھ ٿي رهيو آهي بلڪ ڪافي بند پيل اسڪول به کلي نه سگهيا آهن آهن ان ڏس ۾ شهرين اياز ميمڻ عبدالحليم ايڊيجو جميل ميمڻ عدنان ملاح اسلم ميمڻ ۽ ٻين چيو آهي ته ڊي او ايليمنٽري سيڪنڊري هاير سيڪنڊري ۽ ضلع تعلقه پرائمري آفيسر ۽ سنڌن آفيس سپرنٽينڊنٽ هڪ مافيا بڻجي ويا آهن ائين لڳي ٿو ته بدين جو تعليم کاتو هنن کي پيسن جي عيوض ٺيڪي تي ڏنو ويو آهي ته جن بدين ضلع جي تعليم کي ڪاروبار ڪري هلائي رهيا آهن هنن شهرين جو چوڻ آهي ته ڊائريڪٽوريٽ کان سيڪريٽري ۽ صوبائي وزير تعليم تائين شڪايتون ڪرڻ جي باوجود هنن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ٿيڻ مان لڳي اهيو رهيو آهي ته بدين ۾ نين پرتين ۽ مقررين تي ڪروڙين روپيا رشوت ۾ به بدين کان سيڪريٽ تائين حصا پتي ٿئي ٿي بدين جي هنن شهرين سنڌ هائي ڪورٽ جي چيف جسٽس کان گهر ڪئي آهي ته هن معاملي جي عدالتي جاچ ڪرايي بدين جا بند پيل اسڪول کولرايا وڃن بدين ضلع ۾ تعليم دشمن آفيسرن کي هڪدم بدين مان نيڪالي ڏني وڃي تعليم کي تباهي کان بچايو وڃي

بقايا سنڌيار 12

موقعي تي ايس ايس پي ڪشمور اي ايس پي نعمان ظفر پيپلزپارٽي جي سينيئر اڳواڻ اڳوڻي ٽائون چيئرمين اسرار ڪوسو رسول بخش چاچڙ امير علي مزاري ايس ايڇ او ليمون لاشاري ايس ايڇ او اقتدار جتوئي ۽ ٻين پوليس چوڪي جي افتتاحي تقريب دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گيهلپور ڪروڙ جي ڪچي واري علائقي ۾ ڪشمور پوليس ۽ اڳوڻي ٽائون ڪاميٽي چيئرمين اسرار ڪوسو جي ڳڏيل سهڪار سان طارق دم ما وٽ پوليس چوڪي قائم ڪري پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن هنن چيو ته دم ما وٽ پوليس چوڪي قائم ڪرڻ سان ڌوهن تي ڪنٽرول ٿيندو ڪچي جي ڌوهارين جي لنگهه تي پوليس چوڪي قائم ڪرڻ جو مقصد پرياسي جي مقامي آبادگارن ۽ رهواسين کي تحفظ فراهم ڪرڻ آهي ڪچي جا ڌوهاري دم ما رستي ڪان ڪراس ٿي ڪشمور مان چوريون ڦرون ڪري آساني سان فرار ٿي ويندا هئا پوليس چوڪي قائم ڪرڻ بعد ڪشمور پوليس جي وڏي ڪاميابي آهي ڌوهن تي مڪمل طور پوليس جو مڪمل ڪنٽرول قائم ٿيندو

بقايا سنڌيار 13

جنهن ۾ بلدياتي اليڪشن ۾ بيئل ٻن ازاد اميدوارن حيدر چتو ۽ وڏيرو شوڪت عرف نظير خانيو خصوصي طور شرڪت ڪئي، ڳڏجاڻي ۾ اينڊ بلدياتي اليڪشن ۾ ازاد طور بيئل ٻن اميدوارن حيدر چتو پ پ اميدوار بابو پنهور ۽ وڏيرو شوڪت عرف نظير خانيو پ پ پ اميدوار محمد عثمان ڪنيار جي حق ۾ هٿ کڻڻ جو اعلان ڪندي پ پ پ اميدوارن جي مڪمل حمايت سميت سنڌن هر ممڪن مدد ڪرڻ جي به ڪين خاطري ڪرائي ڇڏي. ڳڏجاڻي کي خطاب ڪندي محمد عثمان ڪنيار چيو ته هو پ پ پ ضلعي

ٿئي جي صدر صادق علي ميمڻ ۽ جنرل سيڪريٽري امتياز قريشي جو ٿورائتو اهي، جن جي ڪوشش سان سنڌن سامهون بيئل ازاد اميدوارن سنڌن حق ۾ هٿ کڻي ويا آهن.

بقايا سنڌيار 14

مليون آهن ته ميمڻ ڳوٺ ۾ دڪاندار ناجائز ريٽ تي اٽو وڪرو ڪري رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته ميمڻ ڳوٺ جي ڪنهن به واپارين اٽو اسٽاڪ ڪيو ته انهن دڪاندارن جا دڪان سيل ڪيا ويندا انهن جي خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي دڪاندارن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو ويندو غير قانوني ريٽ تي اٽو وڪرو ڪندڙ ڪنهن به دڪاندار کي بخش نه ڪيو ويندو جيڪي غريب عوام جو رت چوسي رهيا آهن دڪاندارن کي من ماني ڪرڻ نه ڏني ويندي اسان هرحال ۾ غريب عوام کي رليف ڏيارڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون اسان ميمڻ ڳوٺ ۾ گورنمينٽ جي طرفان سستو اٽو موڪلي رهيا آهيون روز مره جي بنياد تي گاڏي اٽي جون گاڏيون گهرايا ويندا غريبن ماڻهو سستي اگ تي 650 ۾ 10 ڪلو جو ٿيلهو مهيا ڪيو منافاخورن جي خلاف ڪاروائي تيز ڪري سزا ڏني ويندي

بقايا سنڌيار 15

ويهي ڪرڻ بدران هال ۾ ڪم ڪرڻ تي مجبور اعلااختيارين کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل تفصيل موجب . سکر ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس جي بلڊنگس جي ڪروڙن روپين جي لاڳت سان ٺيڪي وارو ڪم مڪمل ٿي ويو بجلي جو چاليه لک جو ڏنل ٺيڪو بااثر ٺيڪدار مليل ڪم رولڙي جو شڪار رقم ايڊوانس ٺيڪدار وصول ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو اڪائونٽ آفيس جو ڪم بلڊنگ وارو بجلي جي ڪري نامڪمل ٿي ويو پر بلڊنگس ڊپارٽيمينٽ اڪائونٽ آفيس سکر جي بلڊنگس مڪمل ڏيکاري فنانس کاتي جي هيند اور ڪري ڇڏي جنهن ۾ بجلي جي فٽنگس ٽوڙي ٽرانسفارمر ۽ ٻيون شين جي نه هجڻ سبب بلڊنگس اڏوري آهي ان اڏوري بلڊنگس ۾ اڪائونٽ آفيس ۾ عملو ويهي ڪم ڪرڻ لڳو بجلي نه هئڻ ڪري ڪچي تار تي هلڻ سبب بجلي بند ٿي وڃي ٿي بجلي نه هجڻ ڪري انهن جو ڪم رلي ويو سجو ڏينهن انتظار ڪري ٽڪجي پون ٿا هوڏانهن ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر قيصر هاشمي آفيس وارو ڪمرو ڇڏي هال اندر مين گيٽ تي ٽيبل هٽي ڪم ڪرڻ لڳو بلڊنگس جي بجلي مڪمل نه ٿيڻ ڪري آفيسرن ۽ عملي کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لڳا آهن

بقايا سنڌيار 16

چوري ٿيل موٽر سائيڪل برآمد ڪري سنڌس حوالي ڪئي آيس ايڇ او ڪڙيو گهنور عاشق لنڊ قتل ڪيس ۾ روپوش جوابدار بشير ملاح کي بندوق سميت گرفتار ڪري ورتو آيس ايڇ او ڪورواھ عارف جروار شراب جي ٻٽي تي ڇاپو هڻي 75 ليٽر ڪچو شراب برآمد ڪري ورتو جوابدار ايوب ملاح موقعي تان فرار ٿي ويو آيس ايڇ او ٽلهار محمود خان جوابدار سڪندر خاصخيلي کي پسٽل ۽ چوري جي موٽر سائيڪل سميت گرفتار ڪري ورتو سنڌس ٻي ساٿي موقعي تان فرار ٿي ويا ٻي ڪاروائي ۾ منشيات فروش شاهنواز ملاح کي 24 وسڪي بوتلن سميت گرفتار ڪري ورتو آيس ايڇ او شهيد فاضل راهو اصغر عالم هاليپوٽو 300 گهٽڪن سميت موسٰ عالماڻي کي گرفتار ڪري ورتو آيس ايڇ او راجوخاڻاڻي رياض رند روپوش جوابدار عمران قريشي کي گرفتار ڪري ورتو سمورن گرفتار ٿيل جوابدارن جي خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا سنڌيار 17

اي سي پريا ۽ بسم فلور مل مالڪ نديم اختر آرائين چيو ته سنڌ حڪومت جي طرفان ڪابه اٽي جي ڪوٽ ناهي فوڊ کاتي نوشهروفيروز ۽ فلور مل جي تعاون سان في ڪلو 65 اٽو عوام تائين پهچائڻ لاءِ هر شهر ۾ استال لڳرائي رهيا آهيون ته جئين غريب مسڪينن کي فائدو رسي سگهي هن ٻڌايو ته هڙا استال تعلقي جي شهرن پرياسٽي پرياروڊ ناروشاھ ۾ لڳرايا آهن ڪوشش آهي ته ٻين شهرن ۾ به عوام کي سستو اٽو فراهم ڪيون

بقايا سنڌيار 18

۽ صوفياڻي محفل مچائي ڇڏي مچ ڪچهري جي اڳواڻي پ پ اڳواڻ ڪامريڊ محرم علي ساند ڪئي جڏهن ته مهمان خاص سماجي اڳواڻ شاهنواز خان ڏهراج لطيف ساند ڊاڪٽر ممتاز سومرو انجنئير رفيق سومرو هيا جڏهن ته مچ ڪچهري کي خطاب ڪندي

مهمانن چيو ته سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ٽوڙي شهرن ۾ اهڙيون مچ ڪچهريون ڪوٺائي اوطاقون آباد ڪرڻ گهرجن هنن چيو ته اڄ جي نوجوانن کي ادبي ويهڪ جو شعور ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي شعور رکندڙن کي گهرجي ته هو جديد دور ۾ سنڌي ثقافت تعذيب جيڪا خاص ڪري شهرن وارين آبادين ۾ گهٽ جي وئي آهي جنهن کي جيارڻ لاءِ صحافين اديبن شاعرن فنڪارن ۽ سگهڙن کي اهم ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ته جيئن هنن ڪامريڊ محرم علي ساند سان مخاطب ٿيندي چيو ته اهڙيون مچ ڪچهريون هر سال سياري جي ٿڌ ۾ ٿيڻ گهرجن ته جيئن ڳوٺاڻا عزيز دوست ڳڏجي پنهنجا حال احوال اوري سگهن جڏهن ته مچ ڪچهري ۾ ضلعي نوشهروفيروز جي مختلف شهرن جا آيل سگهڙ غلام حيدر سولنگي ممتاز علي سولنگي محمد بخش سهتو سمد علي سهتو ۽ ٻين ڏور بيت ڳجارتون مولود شريف ۽ لطيفي لاٽ ٻڌائي وھ واھ ڪرائي ڇڏي جڏهن ته مچ ڪچهري ۾ صحافين ايم ايم عباسي ڊي ايم سومرو ثناءِ مهر محمد قاسم سهتو ظهير احمد سومرو ڪائونسلر شعيب عرف ممتاز ڪلهوڙو ڪائونسلر نعمان ڪوڪر پ اڳواڻ ڪامريڊ اعتبار خانزاده شفقت پان نعمان شڪيل ميمڻ فرحان ميمڻ شهنشاھ ساند ايس يو پي اڳواڻ شهباز سومرو ڪامرڊ عاشق ٻالادي اياز علي جانوري مشتاق ساند ڪاشف علي ساند غلام مصطفي ساند ۽ ٻين مچ ڪچهري ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته مچ ڪچهري سج لٿي کان پرھ ڦٽي تائين جاري رهي جڏهن ته آخر ۾ سنڌ جي خوشحالي خاص ڪري مينهن ۽ ٻوڏ متاثرين لاءِ دعائون گهريون ويون

بقايا سنڌيار 19

قبرستان ۾ جوڊيشنل مئجسٽريٽ مورو مسٽروسيم احمد لاڪير جي نگراني ۾ ميڊيڪل ٽيم سان گڏ قبرڪشائي ڪئي وئي ۽ جزا ورتا ويا جيڪي ليبارٽري موڪليا ويندا. نوجوان شهمير پناڻ جي والد زاهد حسين پناڻ درخواست داخل ڪئي هئي ته منهنجو پٽ درويش صفت هو جنهن کي تشدد جو نشانو بڻائي قتل ڪرڻ بعد چور ڄاڻائي ڪتا بچي قتل ڪيو ويو آهي جنهن جاچ ڪرائي وڃي جنهن تي قبرڪشائي ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته هڪ مهينو اڳ ڳوٺ درس ويجهو وڏيرو محمد خان ابڙو جي زرعي زمين تي سولر پليٽون چوري ڪرڻ دوران ڪتن ڏاڙهي نوجوان کي ماري ڇڏيو هو جنهن جو لاش مورو اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽر پاران جزا ورتا ويا هئا ۽ زمين مالڪ طرفان چوري جو ڪيس درس ٿاڻي تي داخل ڪرايو هو جنهن ۾ چورجاڻائي قتل ڪيل سميت ٻ نامعلوم شامل ڪيا ويا هئا، قبرڪشائي بعد لاش کي وارث ڪٽائي مورو ويجهو ڳوٺ عمر خان پناڻ ڪٽائي ويا ۽ لاش کي اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويندو.

بقايا سنڌيار 20

ڇڏيو آهي فيبروري ۾ فيصلو ٻڌايو ويندو هاڻي عدالت تي امتحان آهي اميد ته عدالت انصاف ڪندي ٻئي طرف ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو ايس ميڊيا کي ٻڌايو ته پوسٽنگ سياسي بنيادن تي ٿينديون آهن ٻئي ڏريون پاور قل آهن ٻئي ڏريون جوابدار ٻڌرائينديون به هيون ۽ ڇڏرائينديون هيون

بقايا سنڌيار 21

ڪم ڪندڙ ٺيڪيدار سامان روڊن تي ڦٽو ڪري گم ٿي ويو آهي، شهرين پاران مسلسل احتجاج ۽ شڪايتون ڪرڻ باوجود انتظاميا هن وقت تائين نوٽيس ناهي ورتو. ان ڏس ۾ شهرين احتجاج ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته شهر ۾ هلندڙ ترقياتي ڪم فوري طور تي مڪمل ڪرايا وڃن.

بقايا سنڌيار 22

يو آءِ جو مولانا عبدالغفور ڀٽو، ايس يو پي حسيب جوڻيجو، سنڌ حقوق آبادگار تحفظ جي عبدالحق مهر سول سوسائٽي جي فضل الرحمن ڀٽو، ميان عابد انڊڙ ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي غريب هڪ وقت جي ماني کائڻ لاءِ پريشان آهي ۽ حڪمران پنهنجي عياشي ۽ ڪرپشن ڪرڻ ۾ پورا آهن ٻين صوبن اندر ڪنهن شئي جو ڪوئي بحران ناهي پر سنڌ اندر نه اٽو ملي ٿو نه ڪنڊ ٿي ملي افسوس سان ٿو چوڻون پئي ته جتي دنيان ايتري ترقي ڪري چڪي آهي پر اتي سنڌ واسي ماني جي هڪ ٽڪڙي لاءِ پريشان آهن اسان سنڌ حڪومت کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته اگر سنڌ اندر هترادو اٽي جو بحران ختم نه ڪيو ويو ته پوءِ وزيراعلي هائوس جو گهيرائو ڪيو ويندو

جنهن جي زميدار سنڌ حڪومت هوندي

بقايا سنڌيار 23

جو ڏار ڏار احتجاج ڪيو ويو. ڪيهر ڳوٺ ٻاهران شاگردن ۽ استادن سکر - لاڙڪاڻو روڊ تي رڪاوٽون رکي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. نئون ديرو جي هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ استادن ۽ شاگردن اسڪول اندر احتجاجي مظاهرو ڪيو. شاگردن جي ڌرڻي سبب ڪيتري دير تائين ٽريفڪ معطل ٿي وئي جتي شاگردن پاران نصير آباد پوليس ۽ بورڊ انتظاميا خلاف نعريبازي پڻ ڪئي. ڪيهر هاءِ اسڪول جي احتجاج ۾ استاد اياز سانگي، معشوق کهڙو، نويد مغل، رياض ڪوريجو ۽ شاگردن نظير ڀٽو، ابراهيم جکرو، نويد شر ۽ ٻيا شامل هئا. نئون ديرو جي هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ استاد راشد ڪٽپر شاگردن سان ڳڏجي احتجاج ڪيو ويو. تعليمي بورڊ لاڙڪاڻي پاران نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي شاگردن کان فيس وٺڻ وڏي ناجائزي آهي سرڪاري اسڪولن ۾ غريب والدين جا ٻار پڙهندا آهن ٻوڏ ۽ چوماسي جي برساتن سبب اسان جا والدين اڳ ئي پريشانين جو شڪار آهن ويتر هن مهانگائي جي دور ۾ بورڊ پاران فيس وٺڻ وارو فيصلو تڪليف ڏيندڙ آهي. مظاهرين ۾ شامل شاگردن ۽ استادن چيو ته نصيرآباد پوليس شاگردن جي پرامن احتجاج مٿان ڪڙڪي پئي ۽ شاگردن کي تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪيو آهي جيڪا سنڌيءَ ريت لاقانونيت آهي، شاگرد مستقبل جا معمار آهن ۽ نصيرآباد پوليس انهن کي ڌوهاري سمجهي تشدد جو نشانو بڻايو ان جو نوٽيس وٺي پوليس اهلڪارن خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪئي وڃي، هنن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ايم پي اي فريال ٽالپر، سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ، تعليم کاتي جو صوبائي وزير کان مامري جو فوري نوٽيس وٺي بورڊ جو فيس وٺڻ وارو فيصلو واپس ڪرڻ ۽ شاگردن کان تعليم جو حق نه ڪسيو وڃڻ سميت شاگردن مٿان تشدد ڪندڙ پوليس عملدارن ۽ اهلڪارن خلاف ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي...

بقايا سنڌيار 24

بنياد تي بري ڪيو ويو. جوابدار مٿان پدعيدن ٿاڻي تي 2021ع ۾ ڪيس داخل ٿيو هو. جوابدار مٿان دوڪاندار حسنين آرائين کي قتل ڪرڻ جو الزام هو.

بقايا سنڌيار 25

جي سپ کان وڏي ڊرينج منصوبي آيل بي او ڊي کي لڳل هترادن گهارن جي ڪري بدين ضلع نون ست يونين ڪائونسلون مڪمل طور تي ٻڏي ويون هنيو هزارين ايڪڙن تي بيٺل فصل ٻڏڻ سان گڏوگڏ هزارين گهر پاڻي ۾ ٻڏي ويا هئا ۽ هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو بچا وٺي گهرڇڏي محفوظ هنڌن تي پناه حاصل ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي رستن جي ڪنارن تي عارضي پناهه گاهن ۾ رهڻ تي مجبور آهن ان سلسلي ۾ متاثرن محمد سومار علي ڏنو صاحب خان رند ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو ته چار مهينا گزرڻ جي باوجود سنڌن علائقي مان بيٺل پاڻي نيڪال نه ڪيو ويو آهي سردي جي شدت جي ڪري متاثرن جي مشڪلاتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ماڻهو پنهنجي ٻارن ٻچن سان ٽينٽ ۾ رهڻ تي مجبور آهن هنن وٽ نه گرم ڪپڙا آهن نه وري راشن سميت ٻيون بنيادي سهوليتون موجود آهن هنن سنڌ حڪومت جي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته کين پڪا گهر ناهي ڏنا وڃن گرم ڪپڙا راشن ۽ ٽينٽ ڏيڻ سان گڏوگڏ ٻيهر زمينون آباد ڪرڻ لاءِ پاڻ ٻج ۽ ٽريڪٽر جي ڪيڙي جو خرچ ڏيئي سنڌن بحالي جي يقيني بنائي هزارين ماڻهن مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 26

پهچائيندا آيل مهمان کي پريس ڪلب جي صدر رحيم بخش جمالي آجيائو پيش ڪيو ان موقعي سينئر صحافي چاچا رحمت الله سومرو، حافظ عمر دراز صديقي، سلطان رند، جاويد راهوجو، ارشاد آرائين. ذوالفقار مگسي . محبوب بلوچ ديدار بلوچ، عامر حسين ڳوپانگ، منظور معرفاڻي رجب معرفاڻي يوسف پهنيار ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

بقايا سنڌيار 27

گڏاپ پريس ڪلب جي صحافين پاران خبرون هلڻ جو نوٽيس وٺندي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ ڪراچي ريجن حامد جمائي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ضلعي مليرڊاڪٽر مقبول احمد ميمڻ ۽ انچارج PPHI زوهيب شيخ PPHI انتظاميا پاران گڏاپ ۾ ليبر روم جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي ته جيئن علائقي جي عورتن

جو آسانيءَ سان علاج ٿي سگهي ۽ گڏاپ جي پسمانده ڪوهستاني ماڻهن کي ڊيليوي ڪيس جي لاءِ شهر ڏانهن وڃڻ جي هاڻي ضرورت نه پوندي صحافين ڳالهائيندي رسول بخش جوکيو صدرالدين جوکيو حاجي بلاول جوکيو محمد قاسم جوکيو ممتاز جوکيو محمد سليم جوکيو ۽ ٻين چيو ته ويم گهر نزديڪ نه هئڻ سبب گڏاپ پسمانده ڏوراهين علائقن مان سوين ميل صفر ڪري شهر تائين پهچندي ڪيترائي عورتون رستي ۾ تڪليف ۾ مبتلا ٿي ويا هنن چيو اسان ته اسان سيڪريٽري صحت سميت پي پي ايڇ آءِ جي آفيسرن جو شڪريو ادا ڪريو ٿا جن جي پي سي صحافين آواز اٿارڻ ۽ مختلف اخبارن ۾ خبرون هلائڻ جو نوٽيس وٺي اسان جو ديرينا مسئلو حل ڪري ويم گهر جي تعمير وارو ڪم شروع ڪرايو آهي

بقايا سنڌيار 28

ڪري ملڪ کي وڌيڪ نفرتن جي باھ طرف ڌڪيو پيو وڃي، منير مگسي، رشيد سڌايو، فرحان لاڙڪ، تفصيل موجب، قومي اسيمبلي ۾ نوان صوبا ناهڻ لاءِ جوڙيل ڪميٽي ۽ سنڌ جا وسيلا وفاق حوالي ڪرڻ واري عمل خلاف سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران 7 جنوري تي اعلانيل سڄي سنڌ جي ڊويزنن ۾ 24 ڪلاڪن جي بک هڙتال واري سڏ ڪانپوءِ سنڌ ايڪشن ڪميٽي ضلعي ملير جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ فرحان لاڙڪ، منان شغ، ڪاشف خاصخيلي، ايس يو پي جي منير مگسي رزاق شر، اي جي پي جي اياز چانديو، رشيد سڌايو، سنڌ ساگر پارٽي جي عبدالمعومن، جسقم آريسر جي طالب حسين مهيسر، جسم جي شوڪت سومرو سميت ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ڪراچي پريس ڪلب آڏو رٿيل 24 ڪلاڪن جي بک هڙتال ۾ رهائش ڪرڻ ۽ آخري ڏينهن 8 جنوري تي وڏ کان وڏ شرڪت ڪرائڻ تي غور ويچار ڪيو ويو ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي اڳواڻن جو چوڻ هو ته پاڪستان جي وجود ڪانپوءِ سنڌ سان زيادتين جو سلسلو جاري آهي جيڪو اڄ صدي کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ باوجود ختم نه ٿي سگهيو آهي هنن چيو ته سنڌ مدني وسيلن سان مالا مال هجڻ باوجود بک بدحالي بيروزگاري جي ور چڙهي وئي آهي جنهن جو ذميوار پنجاب ۽ پيپلزپارٽي آهي هنن چيو ته سنڌي قوم پنهنجي مادري وطن ٻولي وسيلا بچائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻيندي، اجلاس کي، اصغر ڪوسو لياقت سومرو، نظام دين نوناري ۽ ٻين خطاب پڻ ڪيو.

بقايا سنڌيار 29

تي سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان اٽي جي قيمتن ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي اڳواڻ ثمر حيدر جتوئي ، جبار باغي ، ثناءُ الله سولنگي ، رگو ٺاڪر، جئمس ٺاڪر، وشنو ٺاڪر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پيادل مارچ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد ڌرڻو هنيو ويو . ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت جي نااهلي سبب اٽو اٽلپ ٿي ويو آهي اٽي جي قيمتن ۾ واڌ جي ذميوار موجوده سرڪار آهي سنڌ حڪومت هارين کان ڪٽڪ سستي اگ تي خريد ڪري هاڻي اٽو مهانگو ڪيو ويو آهي ڏهاڙيدار مزدور ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهن مهانگي سبب پورهيتن مزدور پريشان ٿي ويا آهن . هارين پورهيتن سان ظلم برداشت نه ڪنداسين سنڌ حڪومت اٽي جي قيمتن تي ضابطو آڻي ۽ اٽي جون قيمتون گهٽايون وڃن ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 30

دوستي ٿي جن کين مڇي ڪائڻ لاءِ دعوت ڏني جيڪي مڇي ڪائڻ لاءِ وا هئا جنهن کي ڌاڙيلن اغوا ڪري پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو آهي انهي حوالي سان رابطو ڪرڻ تي حد ٿاڻي جي ايس ايڇ او عبدالقادر بنگوار ٻڌايو ته مڇي ڪائڻ لاءِ ٽئي ڄڻا پاڻ ويا آهن مغوين جي وارثن مونکي ڪال ڪري ٻڌايو آهي مغوي جي وارثن ايس ايس پي ڪنڌڪوٽ زبير نظير شيخ کان مطالبو ڪيو آهي ته اغوا ٿيل مغوين کي جلد بازياب ڪرايو وڃي، رپوٽر حافظ سلطان احمد نندوائي

بقايا سنڌيار 31

ڪيرائي سنڌن کان جيئڻ جو حق کسي ڇڏيو آهي، ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت طبقو اٽو ڏيڊ سئو روپيه ڪلو ٿيڻ بعد پنهنجن ٻچن لاءِ ٻن ويلن جو صرف ٽي ڪلو اٽو خريد ڪري کين پيٽ ڀري ماني کارائي نٿو سگهي. غربت سبب

هزارين معصوم ٻچا بکون ڪاٽي رهيا آهن. غريب مزدور سڄو ڏينهن پورهيو ڪري گهروڃڻ وقت انهي ئي پريشاني ۾ هجي ٿو پنج سئو مان اٽو خريد ڪري يا چانه کنڊ خريد ڪري باقي بيمار ٿيڻ تي دوا گوري خريد ڪرڻ ته هاڻي انهي غريب ماڻهو جي وس ۾ به نه رهيو آهي. ماڻهو بک ۽ بيماري وگهي مري رهيا آهن پر سرڪار کي ڪو رحم نٿو پوي ويتر اٽو مهانگو ڪري ماڻهن جي وات جو گرھ کسيو پيو وڃي، سنڌ جي گدامن ۾ ڪٽڪ سڙي رهي آهي پر هتي عوام اٽي لپ لاءِ پريشان آهي. فلور ملن کي به جيڪا ڪوٽا واري ڪٽڪ ڏني وڃي ٿي انهي جو به لاڀ عوام کي نٿو ملي فلور ملن وارا به ساڳي طرح مهانگو اٽو وڪرو ڪري رهيا آهن. يوٽليٽي اسٽورن تي اينڊڙ اٽي سميت ٻيون شيون من پسندن کي ۽ دڪاندارن کي وڪرو ڪيون وينديون آهن عوام وڃي ته ڪيڏانهن وڃي تعلقي ۾ هيلوڪين برساتن سبب ساريال سميت ٻيو فصل به بهتر نموني نه ٿي سگهيو آهي. عام ماڻهو سخت پريشان ٿي ويو آهي برساتي ٻوڏ سبب اڳ ئي ماڻهو بک ۽ بدحالي سبب خودڪشيون ڪري رهيا آهن مٿان اٽي جو اگھ آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو آهي جنهن بعد ويتر صورتحال سنگين ٿي رهي آهي. هتي ته حڪومت توڙي انتظاميه نالي ڪا شيءِ نظر نٿي اچي ڪنهن دڪان تي ريٽ لسٽ نه آهي نه وري چيڪ ڪئي وڃي ٿي دڪاندار پنهنجي مرضي جا ريٽ مقرر ڪري غريبن کي ڦري ۽ لٽي رهيا آهن. هنن گهر ڪئي ته ترت نوٽيس وٺي شهرن ۾ سستي اٽي جا استال لڳائي يوٽليٽي اسٽور وارن سميت دڪاندارن کي ريٽ لسٽ لڳائڻ جو پابند ڪري ته جيئن غريبن پورهيتن جي وڌندڙ پريشاني دور ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 32

جو وڏو ڪردار آهي صحافي مظلومن جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائڻ ۾ ڏينهن رات محنت ڪري ٿو هن ڪري اسان قومي ڪارڪنن جو به فرض آهي ته اسان صحافي پائرن سان هر ڏک سک ۾ گڏ ٿيون هن چيو ته سنڌ زرعي لحاظ کان وڏو صوبو آهي ڳالهه سمجھ ۾ نه ٿي اچي ته زرعي صوبي ۾ اٽي جي ڪوٽ لڳي پئي آهي ماڻهو بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن. معاشي حوالي سان سنڌ پٺتي پئجي ويو آهي سنڌ ۾ هڪ برساتن تباهي مچائي ٻيو وري حڪمرانن هٿ سان سنڌ کي ٻوڙيو ويو ماڻهو ٻچا وٺي روڊ رستن تي اچي ويٺا انهن مسڪين متاثرن کي ڪجھ به نه مليو آهي ٿڌ جي موسم آهي ماڻهو کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن سنڌ سرڪار رڳو دعوي ڪري پئي بهتري جي پر بهتري ڪٿي نظر نه ٿي اچي عام ماڻهو جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي بيروزگاري کان تنگ ٿي ماڻهو خودڪشيون ڪن ٿا پر ايوانن ۾ ويٺل حڪمرانن جي ڪنن تي جوءِ به نه ٿي چري مهنگائي جي چڪي ۾ غريب ماڻهو پسجي رهيو آهي خبر ناهي ته بهتري ڪڏهن ايندي جو سنڌ جي ماڻهن کي رليف ملندو ان موقعي تي جسم اڳواڻن اسد سومرو. عمران منگي. رفيق ڪالاڻي سميت سينئر صحافين رحمت الله سومرو. حافظ عمردراز صديقي. سلطان رند. جاويد راهوجو. ديدار بلوچ. محبوب بلوچ. ذوالفقار مگسي. عتيق ڏڪڙ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 33

لک روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جنهن بعد پوليس ڪيس حراست ۾ وٺي جيل موڪلي ڇڏيو ڪيس جي ٻڌڻي دوران لاڳلو لائف ڪاتي سکر جا عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 34

رستا روڪ ڪندي ڪراچي کان 50 هزار روڪ. هڪ موٽر سائيڪل ۽ هڪ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن. واقعي جو ٽنڊوباگو ٿاڻي تي اطلاع ڏنو ويو آهي. ياد رهي ته سڄي ڏينهن ۾ هي چوٿين ڦر جي واردات ٿي آهي. ليڪن پوليس جو ڪٿي به ڪردار نظر نٿو اچي جنهن ڪري شهرين ۽ علائقي واسين ۾ خوف پکڙيل آهي. ان ڪان اڳ ٽنڊوباگو لڳ پنگريو روڊ تي سرڪي واٽر پرسان نامعلوم ڦورن ڏينهن جو موٽر سائيڪل تي ايندڙ لالي پناڻ کان روڪ رقم، موبائيل ۽ موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ٻئي طرف بدين روڊ تان هڪ نوجوان کان نامعلوم ڦورو موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. جڏهن ته پنگريو روڊ تان رجب ماڇي کان موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن. ٽنڊوباگو پوليس خاموش تماشائي بنيل آهي. هتان جا شهري ڦرن وارين وارداتن تي سخت پريشان آهن.